مختصر ڪلام

مصري شاهه امام

مصري شاهه ميموريل ڪميٽي

نصرپور سنڌ

مخدوم [illegible] ڪلام
شاهه مصريءَ جو ڪلام

سهيڙيندڙ

سيد عاشق حسين شاهه رضوي

طرفان

مصري شاهه ميموريل ڪاميٽي

نصرپور سنڌ

نـــاشـــر

سيد عاشق حسين شاهه
ولد سيد غلام قادر شاهه رضوي (مرحوم)
نائب صدر مصري شاهه ميموريل ڪميٽي

ڇپيندڙ

تيرهن کان هڪ سؤ سورنهن صفحا سردار پريس، حيدرآباد سنڌ
اڳيان ٻارنهن صفحا سهڻي پرنٽرز، الهندو ڪڇو، حيدرآباد سنڌ

تعداد: هڪ هزار — مارچ ۱۹۸۳ع

قيمت: [redacted]
15-00 روپيه

(حق ۽ واسطا قائم)

M.H. Panhwar Trust Library

”درگاهہ“ جا سجادہ نشين

سيد غلام قادر شاهہ رضوي (وفات آچر، ١٠- شوال ١۴٠٢ ھ مطابق ١- آگسٽ ١٩٨٢ع)
درگاهہ شريف تي چادر چاڙهي رهيا آهن، سندن پرسان موجوده سجاده نشين
سيد مريد علي شاهہ جن موجود آهن.

○

سنڌ کي دعا

واحد وسائينس، آهون عالم جون سڀئي،
موڪل ڏئي مينهن کي، تل مَ ترسائينس،
وسائي والن تي، اوڀر اڀائينس،
صاحب ساريءَ سنڌ تي، بادل برسائينس،
ڀڪا ڀڪن سامهان، اوري اڏائينس،
هون سدائين هٿين رب تون رسائينس،
"مصري" ملائينس، کنڊ وانگر کير ۾.

ڪجهه پنهنجي طرفان....

ڪليات مصري شاهه، مصري شاهه ميموريل ڪوآپريٽو ڪائونسل، نصرپور، باران، ۱۹۶۱ع ۾ شايع ٿيو هو، جيڪو ڪجهه وقت کان پوءِ ختم ٿي ويو، ۽ هاڻ ته ڪيترن ئي سالن کان اڻ لڀ آهي.

’ڪليات مصري شاهه‘ والد بزرگوار سيد قادر شاهه ثانيءَ جي ڪوشش ۽ ذاتي دلچسپيءَ جي ڪري شايع ٿيو هو، ۽ انهيءَ کي مرحوم مقبول پٺي صاحب مرتب ڪيو هو.

مقبول پٺي صاحب جي محنت جو داد نه ڏيڻ ناانصافي ٿيندي، پر اها به حقيقت آهي ته ’ڪليات مصري شاهه‘ ۾ مصري شاهه امام جو ڪافي ڪلام ڇپجڻ کان رهجي ويو هو، ۽ ڇپائيءَ جون پڻ ڪي غلطيون رهجي ويئون هيون.

والد بزرگوار جي خواهش هئي ته مصري شاهه امام جي سموري ڪلام کي ڇپرائجي، اعراب ۽ ڏکين لفظن جون معنائون پڻ ڏجن.

والد بزرگوار هڪ دفعي وري انهيءَ ذميواريءَ کي نڀاهڻ چاهيو. سندن خواهش هئي ته هن دفعي ڪتاب هر لحاظ کان مصري شاهه امام جي شان وٽان ڇپجي. انهيءَ ڪري ’هڪ چاڙو‘ شخص جي نظرداريءَ ۾ مصري شاهه امام جو ڪلام پريس ۾ ڏنو ويو. ۽ اها تاڪيد ڪئي ويئي ته ڪلام غلطين کان پاڪ سهڻي ٽائيپ ۽ سٺي ڪاغذ تي ڇپجي. ڇپائيءَ جي ڪم تمام گهڻو وقت ورتو ۽ انهيءَ عرصي ۾ والد صاحب جن اوچتو وفات ڪري ويا.

والد صاحب جي وفات کانپوءِ جڏهن ذميواريءَ جو بوجهه اسان تي پيو، تڏهن پتو پيو ته ڏهن سالن جي عرصي ۾ فقط هڪ سؤ چار صفحا ڇپجي سگهيا آهن. نه فقط اهو ته ڇپائيءَ ۾ تمام گهڻو عرصو لڳو، پر ڏکين لفظن جون معنائون به ڏيڻ رهجي ويئون، پنو به هڪ جهڙو نه هو ۽ ڇپائي به اهڙي نه ٿي سگهي، جهڙي والد بزرگوار جي خواهش هئي.

انهيءَ ڪري، گهڻي سوچ ويچار کانپوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته جيترو ڪلام ڇپيو آهي، انهيءَ کي ’مختصر ڪلام شاهه مصري امام‘ جي شڪل ۾ شايع ڪري ڇڏجي، ڇاڪاڻ انهيءَ هڪ سؤ چار صفحن تي به ڪن ’سڄڻن‘ جي مهرباني ڪري ٻارنهن هزار روپيا کان به وڌيڪ خرچ اچي ويو.

مصري شاهه امام جي سموري ڪلام کي اسين جلد ئي شايع ڪري رهيا آهيون. اسانجي ڪوشش آهي ته هاڻ رسالو اهڙو ئي ڇپجي، جهڙي خواهش والد صاحب جن جي هئي.

سيد عاشق حسين شاهه رضوي

ٻه لفظ

اسانجي سنڌڙيءَ ۾ هميشه ڪيترائي عالم، درويش عارف ۽ بزرگ پيدا ٿيندا رهيا آهن. مصري شاهه رحه رضوي به ويجهي زماني ۾ مشهور عارف ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

نصرپور، جو اڄ ڦٽو ۽ ڊٺو پيو آهي، سو ڪنهن زماني ۾ وڏي اوج تي پهتل هو. تحفة الڪرام جي مصنف جي تحقيق موجب: ”فيروز شاهه تغلق جي هڪ امير نصر نالي هن شهر جو بنياد وڌو هو.“ پر سچ پچ ته نصرپور جو بنياد انهيءَ کان گهڻو اڳ پيل هو. تاريخ ٻڌائي ٿي ته: ”دودي ٿئين (سومرا خاندان) پنهنجي حڪومت نصرپور تائين وڌائي هئي.“ جنهن مان ثابت آهي ته فيروز شاهه جو سما حاڪمن کي پنهنجي تابع بنائڻ لاءِ سنڌ تي چڙهي آيو هو، تنهن کان گهڻو اڳ هن شهر جي شهرت پري پري پهچي چڪي هئي،

بيگلرنامي ۾ پڻ هن مشهور شهر جي گهٽي واڪاڻ ٿيل آهي. بکر ۽ ٺٽي کان پوءِ ٽئي نمبر تي نصرپور جو نالو هو. جيئن ته اڄ به عام چوڻي آهي ته ”نر ننگر، نار نصرپور....“ نصرپور سنڌ جي شهرن ۾ عروس جو درجو رکندو هو. سندس چوڌاري وڏا گهاٽا باغ هوندا هئا. سنڌ جا حاڪم پنهنجي تاج پوشيءَ جا جشن اڪثر هتي ملهائيندا هئا. جهڙوڪ مرزا شاهه حسن ارغون ۽ محمد مراد ياب ڪلهوڙي جي تاج پوشي هن ئي نامور شهر ۾ ٿي هئي. هتي بادشاهه جو ڪو ويجهو عزيز يا خاص اعتبار جوڳو امير نائب طور مقرر ٿيندو هو. هتي جا حاڪم علم ۽ هنر جا سرپرست هئا، جنهنڪري پري پري کان عالم ۽ هنر وارا ماڻهو ڇڪجي اچي هتي رهيا، جن جو اولاد اڄ به پنهنجي مائٽن جي ياد تازي ڪري رهيو آهي. حيدرآباد جا مشهور قاضي سيد به اصل نصرپور جا رهاڪو هئا، جيڪي پوءِ مير صاحبن جي زماني ۾ لڏي وڃي حيدرآباد ۾ رهيا.

هتي ساداتن ۾ رضوي ۽ بخاري سيد گهڻا مشهور آهن، بخاري سيدن ۾ سيد قائم شاهه مرحوم زبردست عالم، عارف ۽ چڱو شاعر ٿي گذريو آهي. رضوي سيدن ۾ پڻ ڪيترائي خدارسيده بزرگ ٿي گذريا آهن، جن جا نالا ڪيترن ڪتابن ۾ آيل آهن. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ”ستارا سنڌ“ ۾ شاهه شفيع محمد رضوي نصرپوري بابت لکيو آهي ته: ”پنهنجي وقت جو مشهور عالم هو.“ انهيءَ کانسواءِ شاهه نورالله شاهه ۽ شاهه هاشم شاهه پڻ پنهنجي وقت جا عالم ۽ اوليا ٿي گذريا آهن.

شاهه نور الله جو فارسي ديوان اڃا تائين سجاده نشين صاحب وٽ موجود آهي. ڪلهوڙا حاڪمن جي زماني ۾ ميون شاهه عنايت الله رضوي وڏي علم وارو، مشهور شاعر ۽ اوليا ٿي گذريو آهي. نصرپور جي رضوي ساداتن (جنکي شاهه پوٽا به سڏيندا آهن) جو نسب جو سلسلو وڃيو امام علي نقي رضه سان لڳي. مير محمد مڪي سلطان العارفين سيد محمد شجاع جو نيڪ فرزند هو. سيد محمد شجاع اصل مشهد مقدس جو رهاڪو هو، جتان حج جي خيال سان نڪتو. رستي ۾ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي خدمت ۾ رهڻ جو شرف حاصل ٿيس، شيخ سندس علميت ۽ بزرگيءَ کان متاثر ٿي کيس داماديءَ جو شرف بخشيو. شيخ جي نياڻيءَ کان مڪي شريف ۾ فرزند ڄائن، جنهنجو نالو محمد

مڪي رکيائون، جو ٻيءَ جي وفات ڪانپوءِ سنڌ آيو ۽ اچي بکر ۾ رهيو.

تحفة الڪرام جي مصنف لکيو آهي ته: بکر تي ”بکر“ نالو به سندن زبان مبارڪ مان پيو، جڏهن سيد محمد مڪي بکر جي ڀٽ پرسان اچي لٿو، تڏهن خادمن پڇيو ته: سائين سامان ڪٿي رکجي، پاڻ فرمايائون ته صبح جو جتان بقر (ڍڳي) جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو، اتي منزل ڪبي. خدا جي قدرت جو شان، صبح جو ڀٽ مان ڍڳيءَ جي رنڀ ٻڌڻ ۾ آئي. پوءِ سيد سڳوري اتيئي ڏيرو ڪيو. بقر پوءِ ڦري بکر ٿيو ۽ آهستي آهستي وڏي اوج کي پهتو. پر سچ ۾ ته، پاڇا وانگر اج ڏنو پڙڇانگ ٿيو پيو آهي.

مير محمد مڪي ١٢٦٠ع ڌاري بکر ۾ آبو هو ۽ آخر اتي ئي وفات ڪيائين، سندس مزار مبارڪ سکر ۾ ڪليڪٽريءَ جي پرسان آهي. مرزا شاه بيگ ارغون جي سنڌ فتح ڪرڻ تائين رضوي سيد بکر ۾ رهندا هئا. پوءِ جڏهن شاه بيگ بکر کي گاديءَ جو هنڌ بنايو تڏهن سيد سڳورا بکر مان لڏي وڃي روهڙيءَ ۾ رهيا ۽ ڪوٺائي سيد سڏجڻ لڳا. منجهائن ڪي سنڌ جي ٻين شهرن ٺٽي ۽ نصرپور ۾ وڃي رهيا، نصرپور ۾ هي بزرگ ڪڏهن آيا، ان بابت تفصيل وار خبر ڪانه ٿي ملي. تحفة الڪرام جي مصنف نصرپور جي رضوي ساداتن بابت لکيو آهي ته: ”مير محمد زمان رضوي اول وارد آنجابود۔ جد بزرگوار سادات رضوي حالست.“

انهيءَ مان پتو پوي ٿو ته نصرپور جا رضوي سادات مير محمد زمان رضويءَ جي اولاد مان آهن.

هن پوئين وقت ۾ مصري شاه رضوي بلند پائي جو شاعر ٿي گذريو آهي. هو صاحب عربي، فارسيءَ جو وڏو عالم ۽ وقت جو اهل الله هو. سندن والد جو نالو بلند شاه هو. پاڻ ١٢٤٥ھ مطابق ١٨٢٨ع ڌاري تولد ٿيا. اڃا ننڍا ئي هئا ته سندن والد مبارڪ فوت ٿي ويو، تنهنڪري سندن تربيت سندن وڏي ڀاءُ فتح محمد شاه جي ذمي هئي،

ڪيس قاضي گل محمد ’گل‘ جي مڪتب ۾ پڙهڻ وهاريائون. قاضي صاحب بہ خدا رسيدو ۽ بزرگ هوندو هو. سندس طبيعت ڏاڍي حليم هوندي هئي. ايتري قدر جو گل محمد سڏائڻ بہ گوارا ڪين ڪندو هو. فقط ”گل“ لفظ تي اڪتفا ڪندو هو.

مصري شاهہ، قاضي صاحب وٽان عربي ۽ فارسيءَ ۾ چڱو بهرو حاصل ڪيو، چون ٿا تہ عربي لغات جي ڪتاب قاموس تي ايتري دسترس هوندي هين جو ڪنهن لفظ پڇڻ تي چوندا هئا تہ اهو لفظ فلاڻي صفحي تي فلاڻي هنڌ آهي. ديوان حافظ ۽ روميءَ جي مثنويءَ تي بہ چڱو عبور هون، پيريءَ ۾ پنهنجي ڀائيجي قادر شاهہ کي مثنوي پڙهائيندا هئا.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن صبح جو سويل دستور موجب جيئن پنهنجي مرشد شاهہ محمود رحمتہ الله جي درگاهہ واريءَ مسجد ۾ فجر نماز ادا ڪري درگاهہ ۾ زيارت لاءِ گهڙيا تيئن آتي کو اهڙو اشارو ٿين، جو پنهنجا مٽ مائيٽ ۽ اباڻو وطن ڇڏي پرديس اختيار ڪيائون. سندس ڪيل خبرن ۽ چيل شعر مان معلوم ٿو ٿئي تہ ٿر جوڌپور، ابو بهاڙ، مارواڙ ۽ گرنار جي پاسي گهڻو گذاريو ائون.

پاڻ سنڌ جي شاعرن مان شاهہ ڀٽائي، شاهہ عنايت رضوي ۽ پير اميد علي شاهہ (ٽنڊي محمد خان واري) جو ڪلام گهڻي ادب ۽ سڪ سان چوندا ۽ ٻڌندا هئا.

مصري شاهہ پنهنجي دؤر جو اعليٰ درجي جو شاعر هو، سندس شعر سلاست فصاحت ۽ بلاغت سان پُر آهي ۽ سچو معرفت جي اعليٰ خيالن سان ڀريل آهي. غزل ۾ ايراني شاعرن وانگر محبوب ۽ سندس حسن جي گهڻي ساراهہ ڪئي ائس.

قديم شاعرن شاهه ينائي ۽ اشرف شاهه جي ڪلام ۾ عربي ٽڪن اچڻ سبب مصرع مقرر وزن ڪان وڌيڪ وڃي، پر مصري شاهه جي ڪلام ۾ اهڙن نه آهي. سندس ڪلام عربي ٽڪن اچڻ سبب به گهٽو ڪري مقرر وزن تي پورو آهي. لطف الله بدوي صاحب پڻ تذڪره لطيفي ياڳي ٽين ۾ لکيو آهي ته: "مصري شاهه جي شعر ۾ علم عروض جون گهڻيون خوبيون موجود آهن." انهيءَ ڪري سندن شعر وڌيڪ دلچسپ ۽ عام ۾ پسند ٿيو آهي. ائين ڪري چئجي ته هيءَ صاحب پنهنجي زماني جي شاعرن ۾ ملڪ الشعرا هو ته به مبالغو نه آهي.

هن ڪامل شاعر جي شعر ۾ سڀ شاعراڻيون خوبيون موجود آهن، سندس غزل فارسي شاعرن وانگر علم عروض جي قاعدن تي ٻڌل آهن. ڪافيون، بيت ۽ ڏوهيڙا قديم شاعرن وانگيان چند ودبا جي متن تي ٻڌل آهن.

محمد يوسف شاڪر ابڙو

سر ڪلياڻ

[۱]

ذاتِ نسورو نورُ، آيو سانگ ڏڪي صورتَ جو

۱. جمع الجامع جُڙي ٿيو جامع، پاڙهين پنهنجو طالب طامع
فضليت فغفورُ، مخفي راز رکي مورتَ جو...

۲. سو ڏي عبدُ، احدُ سو آدم، پاڙهين پيرُ مريد خادم
دست چڙهڻ دستورُ، اِي اِرشاد ٿيو عبرتَ جو...

۳. "ربّ آرني لَنْ تراني"، پَئي پـدر ٿي پاڪ پيشاني
تابَ جلايو طُورُ، شعلو شاه حُسن حضرتَ جو...

۴. "مصري" مورُ، ملَڪ جي ماهِي، وڻ ٽڻ پر ڏس وحدت وائي
هرجا هوتُ حضورُ، حملو هُل عجب حيرتَ جو...

[۲]

بره جا بـانَ تون بيحد، ٻجي باري بيٺُونْ بالم

۱. منجهان آدم اَسان ڪارڻ چڏي اولا ٿيوُنْ اَظهر
چئي "اَلعبد اَنا احمد"، سِڪڻ جا سازَ ڪِيئي سالم...

٢. ڪري پورا پَهَت پڙ ۾ پاڻا تــو پير پاڪيزا
صنوبر سروَ ٿيا ساجدَ، ڦري في الحال ٿيا فالم ...

٣. جڏهن ميدانَ جنگي ۾ جُڙي جاني ڪِيئي جلوا
انهي شعلي شمع شاهد، اسامُ الانس جِنَ عالم ...

٤. وجهي ميخاني ۾ "مصري"، پَٿو دستار تو دلبر
وٺي هٿ ۾ وَٽي واحد، چڙيئي چوڙي زلف ظالم ...

[٣]

عشقَ اصلئون آدبيتَ جِي، وٽي قنات ڪيرائي

١. منجهان موسيٰ ڏٺيون تجليون، پييون تڏهن طُور تي تنه جيون
شمس الضحيٰ سندي شعلي مطلع الانوار جي منهن جيون
چڙي سا جاء جمعيت جي، جبل پنهنجو پاڻ جلائي ...

٢. ذوقئون ظاهــر ٿي زليخا، پڙهيائين باب بِرهَ جو
وٺي يوسف ٿي مصر ڏي، وُرُ وحدت جي وِرهَ جو
عزيزي عام عزت جِي، ڪير ڪنعاني ڪَهائي ...

٣. اول احدئون 'انــا احمد'، سڏايئي سِــرُّ سلطاني
مــڙئي ڪار ڪفر جِـــي، مٿـي مذهب مسلماني
محمد نانء محبت جي، لڪا ۾ لئون ڪي لڪائي ...

۴. مجي منصور ڪيو مظهر، آنا الحق عشق اثباتي
علو اسرار عجائب جي ڪري جهلڪار ڏنئين جهاتي
اشاري آمر الوهيت جي، سر ميدان ماراڻي...
۵. مام سمجهج اها "مصري"، ڏنا جي عشق اشارا
سڃاڻو تي سڄاڻج نازنينن جا نظارا
سِر سُوري محنت جي، مجي پيون متيون وڃائي...

[۴]

بروبر بيخودي جا پَر، پيارين يار پيمانا
١. رهي هر حال ۾ مائل، سڏي سائل تو اي سهڻا
پياري شوق جا ساغر، ڪيئي داناءِ ديوانا...
٢. وراڻي تو اصل ويندا، پياري تو اي پَٽ پُر ڪيو
ذهان وسنئي سدا ٿل ٿر، اهڙا محبوب ميخانا...
٣. مرون، ماڻهو، ملڪ، حورون، پکي، جن، جيت ۽ پريون
پيو ڏسنئون تنهنجي دلبرا وتن ڏيا مرگهه مستانا...
۴ ڪي سيمرغ ڏيا ساجد، مٺي ميخاني مٽُ تنهنجي
بره جي بوءِ ڪيا بي پر، آڏاين عشق آشيانا...
۵. گهٽي گهري منجهان گهڻي ڪري مروت "مصري" سان
پياري قدح مان ڪوثر، وسايو خانا ويرانا...

[٥]

اکيون ازخود اچي آڙيون، ڪري سامانَ سڪَ وارا

١. جتي جانب لئون لاين، اچا آيهن آڻيون آهن
ورڻ واريون هڏهن ناهن
ڪهين لالچ وڃي لڙيون، هٿي ٻيٺيون نسنگ نعرا...

٢. سِيهَ ڪَج زلف شبرنگي، ڪري جلوا جُهلي جنگي
پڌي ڪنهن ڀاڻ سان ڀنگي
نِپٽ نيندن ڇپي نــڙيون، وڏا واسينگ وِهَ وارا...

٣. اکين ڏادُ عشق جو لايو، وڃن ڏيون گهورَ سان گهايو
مارين مژگان چِشم چايو
ڏاڍي ڪنه چاه ڪيون چريون، جهڙن ڏا نيڻ ويچارا...

٤. جادوگر يار جاڳايون، سڏي سيني سڄڻ لايون
"مصري" محبّت ماراڀون
پڻن قابو ڪَمند ڪَڙيون، ڇلڻ جا سپ ڇُڪَن چارا...

[٦]

بينا ٿي آڇي بيپرواهَ، سڄڻَ سڪَنديَنِ کي آج سامهون

١. پــرين پـــري کان پاتي جهاتي، آڏري جيئن تمارو پريڀاتي
ٿيو صبحُ ڪِيو شمس شعاع، ويئون رات فراق جون شامُون...

٢. لاهي نقابا ڪياڏون نـرواري، کُلي بـــدن ٿيو بـــاغ بَهاري
ٿري جُسي ڪِيو ڏهري ڏاه، ڏٺم جَنّاتالعدنَ جئن جامُون...

٣. ڪٿي گُھنڊ گھورن سين گھايئون، سڌي سڪنديون سيني لايئون
اونايائون آڪنڊين جي آه، مخفي طور ڏنائون ماُون...
٤. ڇايائون چَشم مبارڪ ڇهرا، ڏيئي لغـڙ جٽن لُوهون لهرا
"مصري" آهن سوٽ مباح، تن کي ڪِئو تيغُون طعامون...

[٧]

ڏيئي نيڻن جا نظارا، سِيني لائي ڪِيئي سلامي

١. ڏسي تجايون ٿيا تائبَ، نيازي نازڪ جا نائبَ
جهلي ڪعبي جا ڪنارا، اَچي ساجد ٿيا سلامي...
٢. سِڪندڙ سُرڪَ سدا سائل، متي ميخان جا مائل
ڪِيا ڪيڪائوس ۽ دارا، اوهان جي عشق انعامي...
٣. زُلفَ زنـدان وجهن زاهـد، اڙائـن اوچتا عابـد
گَهرا گيِسُو ڪيِسَ ڪارا، ڏسي شائق ٿيا شامي...
٤. جُمل جامـا جَڙاداري، مُـرصّع تـاج سَـرواري
چـوڏس چمڪن چـوڌارا، قَبائـون ڪُلّ ڪمامي...
٥. محب "مصري" اگَـڻ آيـا، سنيها سـاه سٺايـا
اوري آڏيئون آڏي اوتارا، وري هر باب ٿيا حامي...

[٨]

ڏاڍا نازَ سجڻ ڏيکارين ٿـو

١. تات جنهِين کي طلبَ تنهنجي، سي وريو ڪيئن وسارين ٿو...

٢. جيڏانهه ڪيڏانهه ڪٽيو اڪڙيون، محبت واريون مارين ٿو....
٣. آجهل آويڙا نيڻ بچايو، پهت پرين پنهنجا پارين ٿو....
٤. "مصري شاه" چوي ساڻ جو ساڻن، ميون دليون جيارين ٿو....

سر آسا

[٩]

ڪيو اظهار اي اسرار آچي ٿو عشق عالم ۾
رنگينو راز ڏيو پڌرو، هلايو هنر حڪمت کي
١. لکيا تي لوح قلم قدسي، تو دائم دين دنيا جا
ڪُلي قطرا ڏنا قائم، زيباور زيب زينت کي
٢. عجب رنگدار رنگپور ۾، ڪيئي وه ويس جي واري
پسي پريون، ملڪ، ماڻهو، نمن تنهنجي نزاڪت کي
٣. طلوعي تاب ۽ طلعت، تجلو تاج تنهنجي جو
ڏسي ٿو ڪين چٽو چهرو انهي نابين نعمت کي
٤. مٿي آرڏن سدا اڳرو رهيو تنهنجو اسم اعظم
پيڳو جمشيد هٿي پيالو، قدح ڪشف و ڪرامت کي
٥. تکائي تيغ تنهنجي جي همه هرسو ڪري حملا
پڌي هٿ ٿيا اچي حاضر، چڏيو شاهن شجاعت کي

٦. انهيءَ شمشير جو سج جئن پوي پرتو جي پهڻ تي
اِسامُ اللهُ جي رَتَ جئن گهُرِي شوقئون شهادت کي

٧. لکي منجهہ شان جنہ کنہ جي قلم تنهنجي بدي نيکي
پئُنِ پارڻ گجهو پڌرو انهي تقديـَر تهمتَ کي

٨. مڙيئي مخلوق تيا مظهر ڪِنا ڪيميا تنهنجي قدرت
اها دولت سندئي دائم سدا آسُن و آمانت کي

٩. تنهنجي بخشش مثل بادل سدائين رُتِ سانوڻ جئن
وَسي تان هوند تئي وَسندِي، وري ويران ولايت کي

١٠. سِکي سينگار تنهنجي کي آچي تان عُمرِ تي پوري
بِاسمِ اللهُ "مصري" سين چڏيو هيڪر حِجابتَ کي*

١١. سگهو ساقيءَ ڏي سا سُرڪي منجهان کنهن آب عبرت جي
تہ هي هِنيَڙو رکي حاضر هميشه حالُ حيرت کي.

[١٠]

بَن بيرنگيءَ ۾ بي اختيار، رنگارنگي تو رونق ماڻي

١. بن بيرنگيءَ جون باکون ڦُٽيون، ڪثرت قُلزم تي چوهٽون چُٽيون
لهريون لک هزار، احدُ آصل جي صفت سجاڻي....

٢. احد آصل کي آولئون چڏيوءَ، سِرُ سلطاني گولئون گڏيوءَ
استغنائي آپار، تنهنجي قدرت تون تو جاڻي....

* بي پڙهڻي: بِاسمِ اللهُ پديون بخشي چڏيون هيڪر حجابت کي.

٣. اُڏرانگهي آفلاڪَ اُڏاڻين، ڀڄري ڀاڙي ۾ ڦِهين آڇي پاڙهين
دامُ اهو دشوار، ڪُن فيڪون جي قيد ڪِهائِي....

٤. ڪثرت قلزم جي معنيٰ ”مصري“، وِيَّ وحدت ۾ ويئي وسري
سَمِي جي سرڪار، مالڪ ويئِي ٿي ميءِ مهاڻِي....

[١١]

عشقُ آڇي چيو احَدُ اللهُ، تون پڙهه توبهَ زارو زارِي

١. سهڻي صورتَ صَحِيُ سڄاڻين، ڪَج ابَرو ڪري ڪعبو ڄاڻين
ڏي سجدا ڏان موجون ماڻين —
پڙهه ته پري ڏٺي ڏوهه گناهُ، بابُ بِره جو سورةَ سارِي....

٢. ’الانسان سِرّي‘ سِرُّ الاهي، خلعت خاصي شاهنشاهي
لاه گمان ڇڏ گمراهي —
پَل مَ پري ڪر چِت جو چاهُ، چُست ڪڙا آهن چوڏس چارِي....

٣. زلف خَم و خمدار خيالي، نرگس نازڪ نُور نرالِي
بِشِيهرَ ڀوڏرا ڏين ڀنوالي —
حُسن ڏڏين سين ڏي همراهُ، مشتاقن سِر آيا مارِي....

٤. ڪاڪُلَ قصدُ رکيو ڪن ڪاهُون، رهزن بيٺا روڪي راهون
تنگ طرفَ ٿيا ويئُون واهُون
”مصري“ آهينِ موتُ مباحُ، سَر ته ڀاڻين ڏٺي سڄڻ سارِي....

[۱۲]

اڄ دلبر دامَ بڻائي، ڪيا عاشق ڏاڍه عَزم واه واه.

۱. تيرَ تُفنگ تراريون تَبرون، سِينا سِڪندن جا ڏِيا سِپرون
خوني خنجر جون سڻ خبرون —
ڏيو ڪَج ڪُلاهَ ڪيرائي، هَٿِي زوراور زخمَ واه واه...

۲. نوريءَ يارَ نِقابا لاهيا، نيزا نوڪون نينڻَ چِتائيا
ڀالا بڙڇيون ٻره بچائيا —
سُهڻون سوزَ سَهائي، ڪِيا سُهڻي سهسين سِتَمِ واه واه...

۳. هٿيو ٻاڻَ ٻِڌي ڏو ٻِنگِي، اَچليو عينَ جنگاورُ جنگِي
راوَلُ رمزَ ڏيکاريو رنگي —
ڪيو فَند فکر ڦاسائي، فرزند حوا ۽ آدمَ واه واه...

۴. جِت ميدان محبوبَ مَتائين، اُتِ پيرُ پتنگَ ڪي پائينِ
جوتِ اُڏهيءَ ۾ جيءَ جلائينِ —
”مصري“ ڀِڻهَنْ مَچائي، رکي ڪامل مرد قدمَ واه واه...

[۱۳]

ايُ مدُمست ڪري هوشيارَ، قدحَ قربَ جو اُهڪو آهي

۱. سهسين سُليمان، سڪندرَ ساجدَ
مستُ ڪِيا ميخاني جي مَدَ

آهن ڪُنا آتي ڪئين سي عابدَ
هاڏڪ لَکَ ڪروڙ هزارَ ......

٢. ڪَئين ڪيائين زبُون زمانا
پاڙان پَٽ هٽي پيمانا
بِره ڏِٺا آت ڪَئين بتخانا
بيخود چاڙهي آلنا بارَ ......

٣. جنهن مَندُ ماريا مِيرَ مَٽيارا
سائِي سُرڪ پِيَن سِڪ وارا
مرشد پِير مُغانَ جي پارا
هر هر هادي پاتُن هارَ ......

٤. "مصري" پَٽ هيڪو جو پِيئي
سو جُوان جُڳ جُڳَ جيئي
شمسُ بِره جي شام نه ڏيئي
هُونِ هميشه ٻوڙا ٻهارَ ......

[١٤]

هر ڪنهن جي حاجَتَ هرگز ناهِ، موجَ بِرهَ جي مُستَقرارِي
١. سَهس سيڏاهيا نَهرِ لُڙهائي، ٻانڌي ٻيڙا وِيرَ ورائي
محبتَ مَڪُريون نِينِ نباهي ـ عاشق آوِنهي جا آگاه ......

٢. آرَ آبتا موج مَجازي، گُم گِردابُ ڪيا ڪئين غازي
بحَر بـِره جي آلتي بـازي – اَڏو اَڏ ڪري ارواح ......
٣. سِرَ جو سانگو ڪو مَ ڪر تون، مُوتُوا مَرڏا مهند مر تون
ڏرهي طور لهڙي سين ڏَر تون – واري واري ٻيهَر ٻانڪَ ......
٤. بعد بقاء بـِره برساتي، اَنـدر ٻـاهَر ظاهر ذاتي
هر دوجهان همیشه حیاتي – "مصري" مطلب ڏيا دلخواه ......

[١٥]

جيڪي سَجڻَن سُوريءَ چاڙهيا، سي ڪيڻن مشتاق مَڇن وهواه
١. زلفَ زنجيرَ جني کَلِ ٻـاڌا
طعنا بَديون ڏِـن سِرَ چاڙا
چاڙي چاڙَ وڃاياڻون چاڙا –
آڏي عشقَ آڪاريا، چڙيا جوانن جيءَ جتَنِ وهواه ......
٢. جِنهِ کي ڪوڙِ قريبَ ڪوڏائين
تنهِ کي ٿهتان ڏرت ڏڙائين
سُوهُون ههسين سورَ سَهائين –
سَڪندن سينا ساڙيا، ڪري آلنا پهَت پرينِ وهواه ......
٣. ڏِـي نشان جهليائون نوڪُون

چِتَ ۾ چشمن جون نت چوڪُون
هر دوجهانَ وڏ ڏون هوڪُون —
ريشَنِ رِنـدَ رڏـاڙيـا، ٿـا ويچن لاءِ وَتَنِ وهـ واه ......

٤. ٿـيـا ميلاپَ لـٿـيِ مجروحي
ڏنيَنِ ساقـي سُرڪ صُبُوحي
طبعَ رنـجَ آجـاريَـنِ روحِي
ڪُسِي ڪُونڌَ قراريا، هاڻي "مصري" شاه مِليَنِ وهواه ......

[١٦]

جيڪا وڏيڻي سا سڀ واه، ڏاه مجالَ مقالَ منهنجي جي

١. تون سلطانُ سين سهڻن جو، مائلُ ڪِينَ قمرُ قدمَنِ جو
سج جٿن صاف سدا سِڪَندن جو —
تـابَ ڳِنانَ ٿيو طُور تباه، ڏسِي تجلّي رخ تنهنجي جي....

٢. ڏي ديـدارَ دلاسو دلبرَ، ڪامِلَ لَهـ ڪميڻَنِ جي ڪَرَ
ڏِس هڪوارَ هيڻن ڏي هـر هـر —
نازڪَ نازَ سين نظرُ نگاه، ڪر پوڏواري پازي پنهنجي جي....

٣. ماڻن سان مشتاق ڏـو مارين، ڪڏهن نِهان ڪڏهن نهارين
پنهنجا قـولَ پـريـن نٿو پـارين —
بَنديو بِيهيَنْ ٿِيو بيپرواه، ڪهلَ نه پوڳي ڪِيَس ڪنهن جي جي..

۴. سُڻ تون بابَ بِرهَ جا بَديون، کُنلُون آخر توسين کنديون
مِيٺي معافُ سڙيئي سديون —
"مصري" جون کر محبَ مُباحَ، عادتَ آهي اَصُل اَنهنجي جِي....

[۱۷]

صادق صِدقئون ڏي تون سجدا، سمجهه وڃائي صحيح سڃاڻ
۱. نازنينن جو نئورنگ ناتو، ڄاڻُ وڃايو جن، تن ڄاتو
مَتِ وڃاء تہ مليئي ماڻُ...
۲. ڪڏهن سڏايو سيني لائينِ، ڪڏهن ورايو تحت تڙائينِ
پهتَ سندن اي پَڪو پرَداڻُ...
۳. ماڻ اِهو مُلهہ ڪِينَ ملي ٿو، زورُ ذرو آتِ ڪِينَ هلي ٿو
نينهن نہ جُڙي ٿو ناٿي ساڻُ...
۴. لَئون لائي، لَڳي ڪِينَ لِڪڻَ سان، شُهرت سُهڻون "مصري"
سازَ سڪڻَ سان
پَئو پڌرَ تان پُرجهِينْ پاڻُ...

[۱۸]

محبوبائي مامَ جا، پُڇ تون پانڌي پارَ پِيراڌا
۱. رسمون ريتيون، پَريون، پاهتَ، ڪوڙين ڪفرَ ڪلامَ جا

سڙيئي ڪيائون منسوخ مسئلا اروڻي هن اسلامَ جا
فتويٰ ڏيئي پڙهيائون فاتحا...

٢. پائين دامَ دلين کي پهرين، آڇلي عشقُ امامَ جا
بيپرواه بيهن ٿي بلڪل، ننگ ڏسي پنهنجي نامَ جا
پوء نازڪ نين نباهي ذاتا...

٣. پاڻان قربَ آجارين پنهنجا، قبضَ لکي قلامَ جا
باهِ ڏيئي تنهن جا بسترَ ساڙين، اڳئي ڪُل آرامَ جا
جنهن سين هُون هميشه حُجاتا...

٤. انَ گتِ محرم ڏٺا "مصري" ساڻ، ڇڏي خوف خطري خامَ جا
چوڏس چشمِ مبارڪ چمڪن، گهرا گل اندامَ جا
سي مان سُهٽا صحيح سڃاتا...

[١٩]

دلبرَ دِل کي داغُ، پاڻ ڏيکاري ڏنوئي

١. عبدُ اَحدَ بڻي پيڙا، ڪٽائي جنگ جا ڪَنا ڪيڙا
دردوندن جو دماغُ، پيرَ انهين سين پڱوئي..

٢. وڏيسُون وهواه وحيدي، "لاخيرُ في عَبيدي"
تنهنجو فَضُل فَراغُ، کهڙو قصدُ ڪيوئي..

٣. وري وَسائيا تـو ويرانا، ڏٺا ڪانگ قدُن آشيانا
زاغَ چڙي ويا باغُ بـاز ٻره جو ٻچيوئي ...

٤. ڇڪيٺي ميخاني جي "مصري"، وري وِيٺي ڪِين وسري
چوڏِس ٻـاري چراغُ، روشـنُ راز رکيوئي ...

[٢٠]

سَنيها سڄڻِ پارَ جا، سوزئون سُڻ تون سالڪ سارا

١. ڏورنگ نازَ نوان نَتَ نت نت، دامَ وجهن ديدارَ جا
ڪاڻين ڪُل خيالَ خَبيٺي، ٻاڻ هڻي ٻِٺي پارَ جا
جڏه لاهي نقابا ڏين نظارا ...

٢. راسنِ رخَ جي رنگ جَهڪا ڪيا، حورنِ ۽ هالارَ جا
شعلي تنهنجي شمسُ نه ڏاني، نورِ نه مَت پيزارَ جا
شاهَ سڪندرَ تـوٺي دارا ...

٣. ٻينا گرداگرد شمعَ ڪي، عاشـقَ اِن اَسرار جـا
پـيـا پَلَتُ پروانـا پتنگ، جَهتُ لڳن جهلڪارَ جـا
ورن پوٺتي ڪينَ ويچارا ...

٤. مُکُ مَهتابُ منورّ "مصري"، روپَ عجبُ رخسارَ جا
تجلين سين سڀ ڪيائون تالان، نوعُ نشي سرشارَ جا
اهڙا اکيون ڏين اِشارا ...

[۲۱]

گهران قاتلُ ڪَڪوه توڪان جو ماري مرد مَنَ وارا
تہ من هڪ تِلُ ٿيي تارڪ ڪنان دنيا هي دم منهنجو

۱. هلتَ هُن جي هڏهن حرڪتَ، لَمحہ جنهن منجهہ لذتَ ناهي
ڀَڄي تون دل ڪٽي ڀِنِ ڏي، قديمي ڪوڙُ ڪم جنهن جو....

۲. ڦِٽو ڪر فِڪر فُرقت ڪي، ڪٽي جمشيد جـو پيالو
اِهـو پيمانُ ڪِيو ڀَٽِ مون، اصل نـاهي عـدم جنهن جو....

۳. اَچي چُم دست ڪر ديدار، درويشن جي دل دائـم
ڏِسي مورڏون هئيو حضرت، هو هرڪنهن تي حڪم جنهن جو....

۴. مچي ميخاني محبتَ جي مَليئي مَيءِ پيءِ تہ مُنهہ مخفي
انهي شرطؤن ٿيي پـدرو، خلل خـواري ختم جنهن جو....

۵. پيالو پي ۽ هڻ پَٽ سان، هي پَٽُ پنهنجي پسڻ وارو
تـہ مَلڪُ الموتُ ٿـيـي مُسخر، قمر زهـرو قسمُ جنهن جو....

۶. ڪَماڻُون ٿـو ڪيڏين قُـدسي، هٽي ٽريئن نٿو دلبرا!
آهي مُتعَجبَ سدا "مصري" نظم اَفـشان نـظم جنهن جو....

[۲۲]

سِيباٽِي ساهَ ڪي شُهرتَ سَنئِيم سَهجئُون سجڻ سِرَ تي
جَوهر جِيءِ جانِ سين جَڙيمَ ڪري گهٽو ڳچيءِ ڳَلَ جو.

١. ڏسي صورتَ سنديءَ ذاتِ، صحي سهسين ڏيان سجدا
وري وهواه وضو ساريم، ڪيم رتُ روح ۽ دل جو...

٢. منهنجو ڪعبو اهي ابرو، ڪُنيا جي قوسَ ٻَئي تنهنجا
به بَيتُ الله وري بلڪل رکي ڌانگهو تہ تن ڏل جو...

٣. اگر زاهدُ اِنهي ڪُنَ جو وڃي ويهي ٿئي واقف
ڇڏي طاعتَ ٿئي تارڪ، ٻُڌي تُرهو توڪّل جو...

٤. اکين جي آب سين عاشق وري وَرَ ڏيئي وُضو ساري
نماز و نفل نِت نِيتي، ڏسي نَمُ نـازُ نـرمل جو...

٥. مچي ميخاني محبتَ جي، مِلي مَتَ جو تو، ٿئين ماڻلُ
تہ مجنون جِئن جُڙيئي "مصري"، قَدح ڪَيڪانُ قاتِلَ جو...

[٢٣]

عاشِقَ ڇڏي تـــون اولا، پاء پِڙَ ۾ پـيـرَ پُـورا
لاهـي لـوڪَ جـا لياڪا، لُـــتِ سـِــرَ لَجُون سمورا

١. سُرمون تـہ سيڪو پائي، اَکِ اَکِ جو قِيرُ آهي
نتُ نيڻَ دل نِمائي، ڏس ڏک ۽ سُکَ کي ڏُورا...

٢. جُزَ کُلَّ جي جاء هڪڙي، آهي لِکَ لِکوني لِکڙي
ڪاڻي ڀانُ ڀِرتِ پِڪڙي، وڌي پِردنء کنهن پِرُوڙا...

۳. مخلوقَ نانْءِ خالق، محبوبُ مِلڪَ مالڪ
سڀ سِرَ سُلوڪَ سالڪ، ڏي آڪنبَ جا آجورا...
۴. "مصري" مَ مُڙ مرڻ کان، جڏ ڪِيمَ ڪِينْ جِيَڻَ کان
پَتَ پاڪَ جي پِيَڻَ کان، طالبَ مِلي طَهورا...

[۲۴]

ڏِچي ٻره تو اي بي نياز! قتل ڪَئِين سر ڪاريئي
۱. مُنهن تنهنجو ميدان جنگي، عاشقن رت ڪِيوئي رَنگي
تو ٻچي تيرن اَنداز، ماڳهين مسافر ماريئي...
۲. ذاتي نينهن جي نَرَ ناڻيا، خوش خوب ڪُوري ڪاڻْيا
ساڙي سنڌءِ سينگار سان، پيهر پرندا پاريئي...
۳. چوڙيا زلف جوهردار تو، ڪِيا لَک ڪروڙين هزار تو
ڪُنڊيا ڪيسَ ڪَبير ڪاري باز، ڏاڙي هٿڻ لئي ڏاريئي...
۴. وجهي دام دلڙيون قيد ڪيئي، ڪنه نوع ڏاڍي ساڻ نِيئِي
ميچ مگر "مصري" تي مجاز، پيهر پرندا پاريئي...

[۲۵]

هستي چِڏِ هِنَ جاءِ، ڏِيُ مَساڪِنُ مُلڪَ عدمَ جو
۱. هَٿَ هٿَڻَ جي حيفُ حويلي، وک وطن ڏي پاءِ
ڪوڙيون مُلهه تنهنجي قدم جو...

٢. هِي جي اَنديشا انڪل وارا، "لا" سين سڀ لُڙهاءِ
آسانکو اَڙَ بِيـم ڀَرم جو...

٣. سيرُ صفاتي، دَمُ درجاتِي، وچ تي وهم وڃـاءِ
پيچ تهخانو هي طلسم جو...

٥. "مُوتوا قَبْلَ الموتُ" جو "مصري"، مَنْجهِينْ مچ مچاءِ
معنيٰ مطلب نينهن نظم جو...

[٢٦]

آهي اهو اَفسوس، ماڳَ مسافرُ ڏي مالڪ وينُونْ

١. ديسُ پرائو نہ دعويٰ تنهنجي، مُوڙهو آهين ڪري منهنجي
گَيباڙو تون گَسُ گوسُ، ڏاهيڻي ڏاهَ ڏلهيون هٿ نِپنُونْ...

٢. منزل دُور تون تنها آهين، بارُ ڳرو ڏو بَرَ ۾ لاهين
پَسِي ڀاڙيءَ پوسُ، ڀاڙي ڀڄري ۾ ڀاڙهين ڀِپنُونْ...

٣. جتان جُوانن مَڪُرا موڙيا، تتِي تعلق تو تڪيا جوڙيا
پُونْ انهي جو پرووسُ، رکج چُست چڪاسي چِپنُونْ...

٤. سالڪَ اِن ساعتَ کي سڃاڻن، پُرس پرولِي کي پَرسل چاڻن
دليون ڏيئي دوسُ، محبتَ ماکيءَ جون "مصري" سِپنُونْ...

[٢٧]

جِت ڪِٿ جاني جَلوا تيرا، هرجا هرهنڌ تون ساماڻا

١. صورتَ دي وچ آپُ ڇپايوئِي، "اَلانسانُ سرٌ" اَلايوئِي

بيرنگ بُرقعو بيشڪ پايوئِي، اندرِ ڏاڪُ ڪِتوئِي ڏاڏا...
٢. ظاهِرُ باطِنُ اَوّل آخِر، آپُ ويکايوئِي اَندر ٻاهِر
سوئِي بالا سو زير بَرسَر، 'اَنا اَحمد' وَتُ ڪونُ اَلاڏا...
٣. مخفي مامَ لا تَحَرّڪُ، هرجا منزل، هرسُو هرهڪُ
بَرُ بحر وچ ڏونهين بيشڪ، لحظي لَورِيَن آپُ لِڪاڙا...
٤. سائِي صورتَ سائِي مورتَ، سائِي غيرتَ سائِي حيرتَ
سو احسانُ آهائي مِنّتَ، "مصري" محضُ ڪِتوئِي ماڏا...

[٢٨]

دامَ دِلِيانُ نُون دِيدِ اَڙاء، ويکهو رانجهَن ڪِيڪُر ڪَردا
١. "اَلانسانُ سِرّي" سَڏايُس، گهونگهٽ دي وچ آپ ڇپايُس
بيپرواهي دا بُرقعا پايس —
اَحدُ ڪنون اَلعبدُ سَڏاء، ڪِيتُس سَيرُ صورتَ سِر دا...
٢. اَحدِيَتِ ڪُون آپ ويکِيندا، عبديَت دا ناز ڪريندا
وحدتِ ڪثرتِ وچ کيڏيندا —
خاصُ الخاص خِرقا پاء، وَتُ سَڏايُس چاڪر بَردا...
٣. سِرُّ زليخا عشقَ اُڌارا، يوسُف هو ڪي ساريُس نعرا
هتُون مالڪَ وچ بزارا —
ازخود اَپڻا آپُ ويچاء، بَن ڪَرڙا آڏان شَهَ مصر دا...

۴. ڪِٿان هِيرَ ڪِٿان شه ماهِي، ڪِٿان چاڪُ مَنجهيانْ دا واهِي
سار زغاوَت شاهنشاهِي –
سَرمد هو ڪي سِرُ ڪِٿاء، پِيتُسِ جامُ "ڪل ڪَوثر" دا...

۵. موسىٰ تي "ربّ اَرنِي" پوليُس، "لَن ترانِي" وَت لَب چوليُسِ
گُهنڊ اُٺا تي مُکڙا کوليُسِ –
تجلا پيا ڪر طُورُ جَلاء، چاڙُسِ نـازُ نقابُ نظرَ دا...

۶. ڪِٿان سَيفَلُ شاه "مصري"، ڪِٿان شيخ حَسَنُ وت بَصري
وِيکِ شمعَ اَتِي آئيا آسرِي –
جامِعُ هوڪي جانانْ پاء، ماريس نادَ ذَهِي اَمرُ دا...

[۲۹]

زاغُ عقل دا هُما پرواز، جب آيا شهبازُ عشقُ دا

۱. طالبُ مَينْ، مطلوبُ بہ مَينْ هُونَ
غالبُ تي مغلوبُ بہ مَينْ هُونْ
خِردَمند مجذوبُ بہ مَينْ هُونْ –
ناظِرُ تِي ڪر نال نياز، هَمسَر هوڙسِ هرهڪ حق دا...

۲. گاهِي موسىٰ وَتُ ڪوه طُورون
گـہ سردارُ مِثل منصورون

نـامنظور ڪڏهن منظورون—
رمزَ اهين دا رک ڪي راز، ماريم نعرا اَناالحَقُ دا...

٣. آڳِ عشقُ دِي اوهَسُ لائيا
پَڙڪا بَدن وچ سَهيُون سمائيا
جانِ جگر سب جَوش جلائيا—
سِر اَساڏي سب رَڳ ساز، وڄٹا وحدَت دي ورقُ دا...

٤. اَپـٹـا آپ سب وچ سِيتَم
وچ ميخاني جَـلـوا ڪِيتَم
پيرِ مُغانُ ڏي پَٽ پُر پِيتَم—
بحر اهين وچ بي انداز، پايُمِ غوطا استغرقُ دا...

٥. ڪڏانہ گداگر نـورنگ نَگري
ڪَج ڪُلاه ڪڏانہ ڪيخُسري
"ڪُلّ شيءٍ مُحيط" "مِصري"—
آسان سُٹيا آواز، ڏُوڏا شيشا شارِڪُ شڪُ دا...

[٣٠]

بِـرهَ بيراڳَ دِي باتِ باتڙي
سٹـن ڪُوڪَ سُٹاڪي ڪُنيان ڪُٹيان

١. شُعلي حُسن ديءِ دا شرحُ نہ آويءِ
سيڏڙيءِ مَن وِچ مُولِ نہ ماويءِ
گھورَ نَينانْ دِي گھاتِ گھاتڙي —
مٺن گھٹ گھونگھٹِ ديءِ گُھٽِيانْ گُھٽِيانْ*...

٢. ڪُنڍڙيءِ ڪاڪُل ڪاليءِ ڪَيرَ ڪڙيا
اَندر عُشاقانْ ديءِ آ ڪي اَڙيا
گھتِ جِگَر ديءِ وچ جھاتِ جھاتڙيءِ —
مٺن جوڙ جوڙنِ ديءِ جُھٽِيان جُھٽِيان...

٣. روپُ عجبُ رخسارَ رَنگيءِ ديءِ
نازُ نرالِيءِ نِت نَينَ جَنگِيءِ ديءِ
چاتِيءِ ٽوڙنِ ڪر چڙچاتِ چاتڙيءِ —
مٺن چھاء ڪنون چُٽِيان چُٽِيان...

٤. فَوجانْ حُسن ديان آوَنِ جاوَنِ
ڏيءِ چانٺيوُنٽِيءِ چشمان چوٽِ چڙھاوَنِ
"مصري" ڪَرنِ ھٺيءِ مَنُ ماتِ ماتڙيءِ —
مٺن ماھيءِ ڪنون مُٺِيان مُٺِيان...

---

* بي پڙھٽي: مٺن گھنڊ گھونگھٽ ديءِ.

[٣١]

مُرلي سان مُجهي موه ڪي، جوڳي جانِ لي گيو رہي
ڪِس ديس سي آيو

١. جوڳي آيا ڪسول گام ڪا، پايا پيچ زلفون ڪي دام ڪا
سُک صبر چين آرام ڪا، سامان لي گيو رہي...

٢. ڪانون ۾ ڪُنڊل پاء ڪي، ڪيسر ڪا تِلڪ لگاء ڪي
ڪاڻي الٽي بين بجاء ڪي، سارا شان لي گيو رہي...

٣. بالون ڪا جُهوڙا ڪول ڪي، ڪالي ڪيس ڪنگي سي قول ڪي
هنس هنس ڪي باتيان بول ڪي، گُن گيان لي گيو رہي...

٤. بن سامي آيا ستمگر، ”مصري“ مَن ڪُونْ ڪر گيا منتظر
خمدار خنجر مار ڪر، ڏُن ڏيان لي گيو رہي...

[٣٢]

چه سا سازيم شرحِ صُورتُت اَي جانِ من ڪونَين
زلف گُهنڊيون، اکيون ڪُنڊيون، تِڪا ڏِيا تِير پنبڻن جا

١. رَخْت ميدانِ خُونْ رَنگِي زَقْتَلِ عارفان اَحمد
پِرُون جي قاب، مِثل محراب، منجهن مَزهہ ماڳ شهيدن جا...

٢. لَبُت ياقُوت، ڪج ڏِينِي، بِسانِ تيغِ ڪِرماني
ڪُهي رُستم هَٽي هڪدم ڏِيجي اَغماض ڪَيون جا...

٣. سيہَ چشمانِ، پُر پيڪانِ، بجاي جام جمشيدي
مِژَگ مخمور، چَلڙ ڏيم چُور، ڏسي نت ناز نيڻن جا...
٤. بِصحنِ بي دلِ "مصري"، خَرامان چُونْ شوي اي گُل
ڪُبڪ رفتار، ڪج گفتار، وڏن وهواه وِيڻَن جا(*)...

سر ڏناسري

[٣٣]

اَلغرضا! آهيان ڙي ميان، ريءَ غرضَ غلامُ تنهنجو
١. ڏسڻ پايان ڏانُ وڏوئِي، هيءَ جو هوتَ حجابُ ڇڏيوئِي
پِرين پِرت جو پيچُ وڌوئي —
لَهي نہ، جي لاهيان ڙي ميان، دلبر دل ڪان دامُ تنهنجو
٢. جانِي! تنهنجي اَچڻَ جي جيڪر، پُڏان هوندَ حڪايت هيڪر
تہ وَڏُون واٽ تَهِين تان وَرَ گهر —
گهوري گهورَ گهمايان ڙي ميان، اَچي جتان پيغامُ تنهنجو
٣. تو ري تنگ گذاريان ڏينهڙا، وَسن جتيوڻي موڪُون مِينهڙا
سُنْڌُ سندءِ، سي سپ سَپ سينهَڙا —
پَڙُون ڪيو پايان ڙي ميان، مَنَ ۾ نِت ماتامُ تنهنجو

---

* بي پڙهڻي: وڏن وهنوار ويڻن جا.

۴. محبَ سدا مشتاق "مصري"، وڃي وير ڪَهِين نا وسري
ڏِئين نــــازَ نــظـــارا نِسري —
سي ڳايو ڳُڻَ ڳايان ڙي ميان، اهڙو ڏسي اِنعامُ تنهنجو

[۳۴]

زوراورَ تو ساڻُ
زاريون، ڪهڙي حجتَ هيڻن جي

۱. پِرين پيارُ رکيو ڏِي پهرين، پوء پري ڪَيُء پاڻُ
زاريون، ڪهڙي حجت هيڻن جي

۲. بِــرهَ بَڇي بــيــراڳ ڪِيڙُڏِي، ٻهڳُڻَ لاڏِي بــاڻُ
زاريون، ڪهڙي حجت هيڻن جي

۳. تنهنجون هوتَ هزارين ٻانهِيُون، منهنجي توسين تاڻُ
زاريون، ڪهڙي حجت هيڻن جي

۴. ڪونه ڪميڻين تو ري تڪيو، اصل توڙي هــاڻُ
زاريون، ڪهڙي حجت هيڻن جي

۵. شاه رانجهن توڏي يوسف "مصري"، مِڙنيانْ مٿي تنهنجو ماڻ
زاريون، ڪهڙي حجت هيڻن جي

[۳۵]

جَن ڏٺــا تنهنجا دِيــدَ، سُهڻا سي ڏِيا سَيلاڏِي

١. چَشمن ڪي چؤگردئون وِيئا، ٻَڌي شهرُ شهيدَ
٢. سِرَ سُوريءِ، ڏَڙ ڏار رِڻَن ۾، ڪي عُشاقن عيدَ
٣. پِيا ٿِي جي پُرزا پُرزا ۾، توءِ پڙهن توحِيدَ
٤. وڃهي ميخانَ ڀِنِيءَ ۾ "مصري"، ڪيئي مَلَڪ مُريدَ

[٣٦]

ڪَن ظالمَ زُلفَ زنجير، راندين رَنگِي رُخَ تي

١. وَر وَر نانگ وِسيهرَ وانگر، ٻي صُلح ٻي پيرَ
٢. ٻهڳُڻَ مارَ ٻَچن تي مَتِيا، جادوگرَ جانگيرَ
٣. ڏَنگِي ڏيهه هٿي ڪِيئِي ڏانِي، ڦيريدار فقيرَ
٤. ڏِيا مطيع اُنهن جا "مصري"، وحدتَ وارا ويرَ

[٣٧]

اَڻهنجو هيڄُ حبيبَ، دارون دردوندن ڪي

١. دردوندن ڪي دلبرَ تنهنجا، راحتَ رنڄُ رقيبَ
٢. گهايلَ گهورَ سڄڻَ تنهنجي ڪي، ڪندا ڪوه طبيبَ
٣. درمل ڏي ديدار انهن ڪي، نازڪ يارَ نجيبَ
٤. روزَ اَزل ڳِنا اَصلي آهي، اَنهنجي هٿَ عجيبَ
٥. ماڻا مِٺا تنهنجا "مصري" ڪان وٺ، لذتدار لَبيبَ

[۳۸]

اَسين عيبدار، پَرنِ پيرَ پاڙي جي آنْ ڪي

۱. شاهَ نُورنبيءَ جا نُوري

حاضر حضرت جو آهين حضوري – سيّد سچا سردار

۲. شاهَن ساڻ سوا سَگ ڪِهڙا

اَسين جُتيءَ جي جوڙ نہ جِهڙا – بيڪس ۽ بيڪار

۳. لَجَ بہ آنْ تي، لَڌَ بہ آنْ تي

ڪيئُ ڪَرو ٻئي تنهنجي ڪانْڀي – هِتي هُتي جا ٻار

۴. اڳي پوءِ آسيد نہ لاهيون

پيش پيرانديءَ پِڙ ۾ پيٺا آهيون – پلئو وجهئو پينار

۵. "مصري"جا جُڳَ جيئَن جوڙا

ڀَلا پُٽَ، ڀَلا تن گهوڙا – ڏيارِيو ڏاتار

[۳۹]

مِيران مشڪل لاهِ، محمّد چامَ محابي، مُرسلَ مير محابي

۱. سوالِي نہ خالي شاهَ اوهان جو، اَوّل آخر آهِ

۲. دُولَه دردَ دفع ڪر دَمَ ۾، داتا دير مَ لاءِ

۳. تون تہ طبيب اسان جي تَنَ جو، ڀِيا درَ ڪيم ديکاءِ

۴. سَرهو سَڌُ صحت جو سيّدَ، سائينءَ لڳ سُڻاءِ

٥. ٻانهي کي کي ٻارِ ٻچَلَ مان، ڪِشتي جئن ڪيڀاء
٦. مناجات "مصري" جي ميرانُ، ويجهو ڏي ورَناء

[٤٠]

عشقُ سِپَه سالارُ، سَهيو مَلَڪ فَلَڪ ميدان تَهين دا
١. عشقُ امام جنهن نُون ڏيوي اشارا
سو گهتِ ڪلنگي گهِنِي عرشَ ڪِنارا
عينَ‌الحقُ اسرار، سَهيو آکَڻ والا الحانُ آهين دا
٢. عشق جنهين نُـون جـــامُ پِـلاوي
سو شـه مـاهِي قِـر چـاڪُ سڏاوي
ڏَڻ والا ڏَڻوار، سَهيو هيِرَ ڪنون حيران تهين دا
٣. عشق دريـــاه دِلانُ نُـون ٻـوڙِي
غـــرق غورابُ ڇُهِي وِچ ڇـوڙِي
هردم هووي هوشيار، سَهيو نا سَهِي سُڪاڻ تهين دا
٤. آءَ گهن "مصري" مـــاڻُ عشق دا
رسـتـا ڇـــوڙ رِيـــا ۽ رَشڪ دا
لاشڪ ليلِ نهارِ، سَهيو ٻُر سدا پَيمان جَهين دا

سر پيروي

[۴۱]

هَــڙ پرائيءَ تي هُنْهِين، ٻانورُ رکي ٻيٺو اَهينْ
شيءِ ڏسي ڏو شِڪِجينْ، ويندءِ وڃي وِيلِي ڪَهين

۱. هيءَ نہ تنهنجي تون نہ هِنَ جو، عمر مايا ڪُوڙ ڄاڻ
مُور تون ماڳهين مسافر، رات ڏو رُڃَ ۾ رَهين

۲. هُـئـڻ ۽ هستيءَ گهٽا هِتِ ڪُونـدَ ڪيرائـي وڏا
عِجز جو اولــو ڪري تون وڃ تــہ لاڻ کي لَهين

۳. ٻـاڻ ڄاڻِي ٻـــاڻ کي ٻَيونـدَ تـــو ٻـاڻهين وڏا
ڇِرڪَ هڪڙي ڇِن ٻندڻ، ڇو سور ۽ سختيون سَهين

۴. هـر زمان هلندن سان هادي هــوتُ همراهي ڪري
مَنَ ۾ رک محبوب "مصري"، ڪوه ٻيو ڪَرَـين ڪَهِين.

[۴۲]

ياد ڪر تان ياد ڏيين، لائي نــوان نِت نينهَڙا
ري يادگيري يار جي ڪوڙا ڪَنڻ هت ڏينهڙا

۱. جي وساريندين تہ وسري تون بہ ويندين ويسرا!
"فاذ ڪروني" في الحقيقت سـڻ اهيئي سَنيهَڙا

۲. هٿ وڏي هل هوت جو، پيرين مٿان پنڌڙو ڪرين
ورڻ۔ انهي ويڙهه ۾ سهسين وڃن سڀ سينهڙا

۳. ڪري اکڙيون پير رڙهه، راحت اڏيئي رڙهڻ ۾
ڏي جفائون جانِ، لهه ڳولي پنهون جا ڳينهڙا

۴. ڀول ڀاروچي ڪيا، ڀاريندو ڀاڙهي ڀڀ ڏڏي
وڌدر ۾ وسندا وري "مصري" محبت مينهڙا.

[۴۳]

پردو پرينِ وچ ۾، پانهنجو اڏئي پاڻُ

۱. 'وَهُوَ مَعَكُمْ اَينَما كُنتُم'، سمجهي صحي سڃاڻُ
۲. 'وَنَحنُ اَقْرَبُ' وٺ ويجهوئي، تنهنجو تو هِي ساڻُ
۳. 'وَ فِي اَنْفُسِكُم اَفلا تُبصرون' اهو اڏئي آهجاڻُ
۴. "مصري" چوي محبت جو ڀريو نينهَنْ نياڻُ

[۴۴]

فرقُ نہ ڪوئي قِيرُ، وحدتَ ڪثرتَ وچ ۾

۱. هندو مومن هيڪڙو، سَڀَ ۾ صاحِبُ سِيرُ
۲. 'كُلُّ شيءٍ محيط' ٿيو، ڀُرجهي پاناڻين ڀيرُ
۳. صِفت سَگيٽي اَحد سُٽي، ويو وچان ڏِي وِيرُ
۴. مٿو آهي "مصري"، ڪوڙو چويس ڪيرُ.

[۴۵]

مونِ سنديون معذور ڪي، آيل ڙي!
متيون آڇ مَ مادرِ الا.

۱. چوري وڏو منهنجي چِتَ ڪي، ميان اَلا
پنهل جام پدرِ الا...

۲. ڪري ڪشالا ڪيچين لاءِ، ميان اَلا
ڇُلنديس هاڻ ڇپرِ الا...

۳. ڏوري ڏسنديس وو ڏونگرين، ميان اَلا
ڪوهياري کي ڪنهن پرِ الا...

۴. ڌوڙئون تنهنجي طعنن جا، ميان اَلا
بار ڪنيا مون بسر سِرِ الا...

۵. محبتن ڌاران وو "مصري" چوي، ميان اَلا
ڪينَ گذاريندس گهرِ الا...

[۴۶]

ڪنگلين جي ڪيل پوي، ڪوهيارا! مونکي آ تون مون وٽ

۱. اصل اوهان جي وو آهيان، ميان الا
پنهل جام پرَٽ

۲. پاڻ سجاڻي وو پورهيت جو، ميان الا
لوڙهہ لَکَنِ ۾ اَچي لَتِ
۳. ڏونگَرَ سندا وو ڏکڙا، ميان الا
ڪيچ ڏٺي ڪي تان کَتِ
۴. مولا ڪارڻ وو "مصري" چوي، ميان الا
معذورنِ ڪني ۾ مَستِ

[۴۷]

قاصِدَ! قريبن کي کَهج عاجزِ سندي آزارَ جو
مَرهَمَ مَرحمَت کا ڪريو، درمَلُ سڄڻ! ديدار جو
۱. وَڃُ، مَ وِهُ، اِي واسطو جاني! اَٿئي جبّارَ جو
آڏي ڪُڙيءَ کِهَہ خاڪ ڏي، ڪو قطرو آنهي قطارَ جو
۲. دل رهي نتي دام ۾، آهِسِ نظرُ نظّارَ جو
ڪو ڏيو ڪَڙو تنہ جي قيد لئي، انهي خم زلفَ خمدار جو
۳. سَهڻ صبرُ ءِ سِڪَ گهٽي، بلڪل نہ ٿيو بيڪار جو
چڻج چُڪي سا چُور ٿي، هاڏي واڳَ وارثَ! وارجو
۴. تاب فُرقت تَلخ ڪِيو، تارُون زهرُ مُون زار جو
تنہ لئي سيو و "مصري" سوڪليو، ڪو خوش لبَنِ خُنڪارَ جو.

[٤٨]

يار منهنجو بي حجابُ، لڳي پرت پري ٿيا پردا
لاٿو نينهن نقابُ

١. ٿيو صبح سِڪهو ٿي ساقي، شيشو ڏاءِ شتاب
جام جُڙي ته جِرمَ اَڏاسن، پنهي صحي ڏوابُ
٢. صاف صفا سبحاني صورت، عجب رنگُ عجابُ
ڪري عُروج ارم تان اُڀريو، اِلاهي آفتابُ
٣. رهيو مشتاق ملڻ لاءِ ماندو، منتظر مهتاب
ناهي حدّ حُسن جي هرگز، بيحد بيحسابُ
٤. چاهئون چُست چشم سان چُم تون، جُنبي جُود جِناب
"مصري" ڪيا مڙيئي مدعي، خالق خرّ خراب

[٤٩]

اَڄ عشق ڪِيا پورا عهدَ، "قالو بليٰ" جي قولَ جا
بدنام ٿي تنه ڪر بَندي، جنه ڪر پَنڌُ پيس پولَ جا
١. جڏهن "ڪُن" اچي ڪيا قلم، "اَمروذَهي" سڀ ٿيا عدم
بيرنگ مٿي رنگي رقم، ري خطَ لڳا رتولَ جا
٢. "جَفَّ القلمَ" قابو ڪڙا، اهڙا بار بدناميون بَڙا
پايو ڏي پڙاڏا پڙها، ڳوڻن ڳلين ۾ ڳولَ جا

۳. باري ٻره ڀاري ٻَنِي، ڪثرت ڪَنِي، وحدت وَنِي
ڀنهنجي هٿين ڀَنِيئين ڀَنِي، ڀولا لتا ڀَـوَ ڀـولَ جـا

۴. اَبـرُو ڏسيو ڪعبو ڪَري، سِينِي اَنـدر سجدا سَري
هُوَ سين حڪم هورين هَري، هرگز هٽايائين هولَ جا

۵. 'صم' 'بڪم' 'عمي' انـڌا، مُردن آئي جيئرا ڀـــڌا
ڏڏه منجهه گهڙِي "مصري" وڌا، لئي ڍول وَرَ وڙولَ جا

[۵۰]

مُک منهن تنهنجي ڪِيا ماهِرو، چوڏس مٿي چَنبي چمن
ساهيُون سفيديون سوجهرا، سَرَ ساڪِيا سهسين سُڄَن

۱. نازڪ نسب تـون نازنين، ٻَين العَرش ٻـــالا زمين
جبّار ڀيو جَوهرَ جَبين —
جوڙيو نه ڪو هر جاء سُو، تنهنجي مثل منجهه ڀن جُڳَن

۲. سهٽا زلف ڏو سينگارئين، پوئتي وجهيو وَرَ وارئين
بَـرزُخ بَنديـو بيهارئين —
موهيو مَلِي ساڻ مُشڪ مُو، چُٽڪيو چِتيون چاتيون چِنن

۳. اهي عينَ ڏو رهزن رکيا، تن تيرَ تاڻ تَرڪش ڪـڍيا
پائين وڍيو وَرَ ڏيٺي وڍيا —
ڪِيُون ڪجلَ جون رِيخُون رَفُو، اهڙن ارادن سان اکين

۴. هٿي ہاڻَ تو ڀيڙا ڀَڏا، تنهنجي ساءَ سڀ سِڪنديون سدا
ڪريو اَندر گامَنِ گدا ـ
ڇڏيو خلل پيا خيال خُو، ويلا ڪيو وِڇڙيون وتن
۵. نِت ڀؤنر ٿا ڀڙڪن ڀَنيا، شعلا هڻن شام و صُباح
"مصري" مٿي آهن اُڀيا ـ
ڪييو ڪمان ڪَج آبرو، ٿا ڀرمَ جون ڀِتيون ڀَڃنِ

[۵۱]

ڪَج زلف ڪمند ڪَڙيارا، سي ٿا پائِنِ دامَ دوپارا
ڏِينِ لامارا لحظي لحظي، بند ڪن بلخ بخارا
۱. وَر وجهيو واسينگ ورن ٿا، ڪيسَ تَليهرَ ڪارا
رهزن چڻ رخسار رنگيءَ تي، مارَ مَٿيا مَٿِ وارا
۲. پيا نشان پَيڪان تنهين جا مِژگان وتن ٿا مارا
چينَن مان ڪن چؤڏِس هٿيو چشم مبارڪ چارا
۳. لالائيءَ ڪيون لعلون لَيزَم، صورت شمس ستارا
شعلي شان لڄايون شمعون، ٿيون پي خاڪ پيزارا
۴. سوسَنُ، سُنبل، سَروَ، صنوبر، لالا تـــوءِ هزارا
مِڙني داغَ دوپـــارا جهليا، ٿـيـا عُريان آپهارا

۵. جلوا مثل "جَنّاتِ عَدنِ مِن تَحتِهَا الاَنهارا"
جن جا بخت پڙائن "مصري"، سي نر ڏسن نظارا

[۵۲]

ياڪي يگانا يارَ، ڇا ڪي رهين ڌارو ڌارا

۱. درد وندن جون دلبر ساڻ دلاسن، وي ميان
ڌوئي دليون ڏي ديدار...

۲. آهنِ آنهن جا اصلي ازلئون اوهان ساڻ، وي ميان
"قالو بليٰ" جا قرار...

۳. لاءِ سڏي سهڄئون سڪنديون سهڻا سائين، وي ميان
سيني سين سؤ وار...

۴. مينهن ميڙائي جا "مصري" وري وسندا، وي ميان
محبت وارا ملهار...

[۵۳]

ڇپ راشت، زيرِ بالا، نت نَوُ نَوُ نُورُ نِرالا

۱. موسيٰ ٿي فرعون مَنايس، ڪولِ چشم ويڪُ ڇالا
موسيٰ مطلب مذهب موليٰ، فرعونُ زِ رُوءِ ضلالا

۲. ساه ڪنعاني مِصرُ منڊرَ وچ، بي نظير بحالا
زر خريد زُليخا زُمرانُ، مُلهه ڪِڏا مَتوالا

٣. وحدتَ دي دريا وچ آڪر، ڪِيتُس ڪوتاه ڪَشالا
گاه بِرهمڻ پوٿي پَڙهدا، گاه مصحفَ مسئلا
٤. گهتِ اَنوار صُراحِي دي وچ، ڪِيتُس ڪَيف ڪَمالا
پُر ڪر پَتُ پِلَينْدا "مصري"، وَنْڃانْ ويڪ وصالا

[٥٤]

تيڏا ڪوئي طَور عجبُ وي، جادُو سارا جَنَبُ وي

١. هو مقابل دي مُکُ وچ جهليا، وِي ميان
لالا داغُ لقبُ وِي...
٢. ڪوڙَ گهٽيرِي ڪِي ڪُر چاتوئِي، وِي ميان
ڪِيسُ ڪرڻ دا ڪَسَبُ وِي...
٣. هوشُ حريفانْ دا کُلئِي ڪِيتئُي، وِي ميان
غمزي نال غَضَبُ وِي...
٤. مَنُ "مصري" دا مجروحُ هويا، وِي ميان
ذوُنْ ذوُنْ ويکُ نَصَبُ وِي...

[٥٥]

مئن بندا بَردا دَر دا، در دا تي مَئن واريان
دَردا تنهن دلبر دا

١. سهندا ساعت ذهين هڪ سائلُ
گهونگهٽ گهور نيڻان دا گهائلُ
مُکڙي پاجهون مردا
٢. ڌهري دام زُلف دي ڏاريوڻي
مَحڪم ميخ مُڏمَغ ماريوڻي
خم خمدار خنجر دا
٣. چاري جوڙ چَتيانْ چا چوڙن
ڪَڙيان پاء ڪَليجا ٽوڙن
جوهردار جگر دا
٤. دامن دَست تيڏي وچ دائمُ
"مصري" مست مشتاق ملازم
تائب نازُ نظرَ دا

سر ڀيروي - ٽوڙي
[٥٦]

ڀنهلَ جا ڀُچندي آلا، ڀندَ رندَ راهُون ڀيچرا
١. لڳي لالڻَ ڀُٽ ڀر، لَکَن سان لُچندي...
٢. ساڳو سَرواڻن جو، ڏوري شالَ ڏسندي...

۳. جانبَ ڪاڻ جبلَ ۾، ٿر ڇپرَ ڇُلندي...
۴. هَلي هوتَ پنونهَ ڪي، "مصريؔ" ڇٽي مِلَندي...

[۵۷]

سانٽيڙا راتِ وِيڙا، مون کي جيڏيون ڪين جاڳائي
۱. بوتا ڇوڙي پنهور ڀيلاياڻون، ڀينرا بيپرواهي ساڻ
کهڙي پَتِ ڪنگال ڪري، تن توڏن کي ترسائي
۲. ڪَرَهہ ڪنوات سُوات نہ هلٽا، اوجهڙ ويا سي اوٺيڙا
پرهانْ پوهہ پهاڙ ۾ تن جا، ٽي پورهيت پير پڇائي
۳. نَنڍَ نصيب نياڳ جا ڏنيم، جاڳيس ڪينَ جواڻ لاءِ
اهڙا سٽاٽا سيڻ ڏسي، ڇـــو سُتيس سيجَ وڇائي
۴. ڇاٽي سڃاڻي ڇپرَ ڇڏي ويا، جيٽِي جيءَ جانڍيڙا!
سيٽي محبَ موڏائي "مصري"، محمّد ڇام مِلائي

[۵۸]

ماهِيَ جا مون کي مِيهٽا، سڀ سهڄڻون ساهَ سيباٽا
۱. تخت هزارا، ڏي بِکيارا، ڇڏيٽي نـــورَ نِڪاٽا جِي
چُوچڪ جي گهر چاڪُ سڏايٽي، ڀـوڙي شانَ ڀاڀاٽا
۲. هر ڪنهن حال وصال ڏيوسون، اهڙا آٽا ٽـاٽا جِي
ڏسي هميشه هيڪاندا همدم، رهيا رقيب رِيساڻـــا

٣. پـاڙـا طعنا سون ڳِل ڳانا، ٻَديون ۽ ٻهتانــا جي
سيئي سهس سرديـــرَ سِيباڙـا، ســاڏا محبوباڻـا جي
٤. رانجهن يارُ هِنيين جو هارُ، اهو هرجا هُلُ هَلاڻا جِي
سَڀئي شــانُ شاهـاڻـا "مصري"، وچ سِيالِين سَماڻــا

سر ڀيروي - ڏوڙي - ڪسوري

[٥٩]

لاهه گهونگهٽ ڏي لاحجابُ، ڪر اسان سين انجامَ اَچڻ جا
١. چائي چَشم مبارڪ چَهرا، گـــڏجي گوليءَ سين ڏيو گـــهرا
نـــازڪ لاهه نقـابُ...
٢. ٻي وَڙِي آءٌ وَڙ ڪان وِيسَ، اچي اوهان جي ٻناري ڀيسَ
ٻَديون منهنجو ٻـابُ...
٣. سُئِي سُهٽا! اَنهِجي نــانءَ نماڻِي، شاهه! پنهنجو شانُ سڃاڻِي
لاهه تُندي چڙ تـابُ...
٤. "مصري" مست مٿي مُک تنهنجي، ڪري احسان اگڻ آءٌ آن جي
بخشي حرف حسابُ...

سر بلاول

[٦٠]

ڪڏهن کهڙو ڪڏهن کهڙو، اسان ساڻ وي ميان،
حـــد بيحد هڪ جهـڙو

۱. تنهنجي قدرتَ توڙڻون تون ڏو چاڻينْ وي
رنگ بيرنگ ۾ راسخ موجانْ ساڻين وي
متو مظهرُ سندو سيڙو

۲. گَنج معافي گوهَرِ مخزن معنيٰ وي
حاضر ناظر هر ڪنهن رونق رعنا وي
پَتو پتين پلا پيڙو

۳. جي سڀڪنهن جيءِ اَندر جوڙيئي جايون وي
"ونحن آقربُ" وايون ڏيئي ڏهنايون وي
نَسينْ نت نت رَهينْ نيڙو

۴. آحد سَگيئيءِ صفتَ ۾ آهينْ ناهينْ وي
حُسنُ قَبح منجهه ڪرهل ڪاهيو ڪاهينْ وي
جتي جهڙو تتي تهڙو

۵. منهَنْ مِٺائي "مصري"، دَستِ ڪنارو وي
رُخ تي "ربّ آرني" جي ڏِٺين نظارو وي
عجبُ عجائبُ اهڙو

[۶۱]

ڪَج آبرُو سَتِ ڪس پَيتِ، جاوانْ ڪي ڪُر وچ ڪعبي

۱. "اَنا اَحمد بِلا ميمي"، قائم قولُ اللهِ قديمي

عَينُ عبادتَ اَحـدُ عظيمي، پيا ڪُلينْ ڪُوڙُ ڪتابي

٢. 'ڪَنْزُ' 'قُدوري' ڪُل ڪِتابُ، هر غرض وچ غمزي غائبُ
نَينانْ ڪِتوسي نَـڙون نت نـائبُ، نـازڪ نالُ نِقابي

٣. صَحِي صورتَ سُبحاني سايـا، آپُ اَلَـهُ ايوين فرمايـا
سوئِي سِڪَ سانُون سبق سڻايـا، سهس سلوڪ ڏـوابي

٤. 'ڪُلّ شيءِ مُحيطُ' مِحِيوسي، باصِدِ صِدقُ سجود ڪِتوسي
"مصري" مطلب محض مِليوسي، وچ مَهُ رخ دي محرابي

[٦٢]

نازڪ نرگِس نيڻِي، نَڙون نِت نِسندِن ناظر نالي

١. 'اَلانسان سِرّي' سِيتِس، مِل مِل جام صراحي پِيتِس
نال ڪرم دي ڪُلِّي ڪِيتِس، هر منسوخ مسالي*

٢. 'لَنْ تَنالُو البِرّ' اَلايِس، آپـو آپُ نقاب اَٿـايُس
'وَنَحنُ اَقربُ' نينهڙا لايِس، رُوحِي رمزَ رَسالي

٣. باطنُ بُرقعا ڪِيتس ظاهرُ، آپ ويکايُس اندر باهرُ
هرجا هر بَنِ نائب ناظرُ، حاضر فِي ڪُلِّ حالي

٤ عشق آمرُ الله عجائبُ، عين عَذائبُ صحي صوائبَ

---

* مسالي = مسئلي.

گم غواص مثل ٿيا غائبُ، وادي وحدتَ والي

٥. شامل شُد اَنْ شاھ شهانا، مسجد محض محيط ميخانا
پُر پِلايُس پَٽُ پيمانا، "مصري" نون مُــڙُ ڀالي

[٦٣]

سُيون ماڻِن سين نہ مارِ، تيء سياڻو سهڻا سائين!

١. ڪري نازَ نقابا لاهين، عقلَ شرم جون ڊيِون ڊاهين
آحــد ڪنانْ العبد سڏائين، تڏهن ٿــي ذروار

٢. جلويدار جَبينَ پيشاني، "يد بيضاء" آنِ ڪان نيشاني
"وَ خَــرَّ موسيٰ" ڏِسُ صِعقاني، ڪِريــو بي اختيار

٣. اَنحَدْ نـادُ وڄائي ناطِقُ، ڏسي منصور چيو اَنالحَقُ
بـارُ بِــرهَ جو آڏائي بيشڪ، سِرُ سوريء ڏڙ ڏار

٤. تو نوازيا ڪَئين ڪيغُفرِي، هيُ بہ غلام هڪڙو "مصري"
"اِنَّ مَـــعَ الْــعُــسْــرِ يُسري"، آنْ ڪِيو اِقـــرار

[٦٤]

زُلفن ڪِيو زيانُ، جڻ وِسيهَر نانگَ وِراڙيا

١. جوڳي جِلايا جلويدارن، ڍِڪا مُرچا ڪَئين مَٺ وارن
اَڙِي آجاريا قلبن ڪارن، سبق ڏيئي سُبحان

٢. سِيَه شوخ سدا شبرنگي، زابر زور لڙن ٿا زنگي
توڙي فارس تــوءِ فرنگي، ماري ڪيا مستان
٣. شوريدا سرشار سِياهي، بَنديو ڀوءِ ڪن بيپرواهي
آفلاطون توڙي ڪي طائي، هٽي ڪيا حيران
٤. سِيل اَصيل واسينگ اَوِيڙا، جهليو ڪن ٿا جَهڙپون جهيڙا
"مصري" ٿيا منصورن ميڙا، مَچائيُون ميدان

[٦٥]

هَلُ داتا جي دَرَ تي، مُوڙهو ڀُڻيِنْ ڪوهُ مڱڻا!
١. سِرُ سلطان سخين ۾ ڀُـرس پاڪارو، وي ميان
مـرد محسنُ مانجهِي مـيـرُ مَتارو، وي ميان
دُرِ دريـاهَ ڏهَـــر تــي
٢. ڀُر پاڌارِ ۾ ڀِيهِي ڀِـنُ ڀِرمـلَ ڪي، وي ميان
وِيرَ وِجا جي نه ڄاڻين وَرنَه ول ڪي، وي ميان
سوجهي رَسُ تنهن سَرَ تي
٣. ڪوڻي ڪميڻِ ڪوجهنِ ڪوڏِ قربَ مان، وي ميان
هَل هُماڻي سامهون هردم حُبَ سان، وي ميان
گوهَرَ ڳنڱا جَـــرَ تـي

۴. تُريون طبيلا بخشي ڏڏنِ ڏوهارڊن، وي ميان
موتي مِينهن جِينْ وَسائي مٿي محتاجن، وي ميان
ڇاڏون پُونِ ڇپرَ تي*

۵. تون ميراثي "مصري" مڱڻو آهين، وي ميان
ڇوڙِس ڇوڏاٿيَ جو چارڻُ چاڻينْ، وي ميان
ڇڙهه تنهن نيڪ نظرَ تي

سر ڪوهياري

[٦٦]

ٻاروچا ٻانهِيءَ سان، جاني! اَللّٰه لڳ لاهِ جدايون

۱. وَڙَ اَڪِوٽي ڪان آءٌ وَرَ ويٺي
پنهل پَريتِ ٻڌيان تو پيٺي
تنهن دلبرَ ديوانيءَ سان، وارث! ڪر مَ وچڻ جون وايون

۲. ننگ ٻيريا ننگ نيٺ نهارين
ڪَچيون ڪميٺين جون ڪينَ اُگهاڙين
آصل احسانيءَ سان، ٻِلا ڪَن ٻِري ٻالَ ٻلايون

* ٻي پڙهٺي: بوندون پُون بحر تي.

۳. تکي تارَ تو هنئي تَـڻ جي
سدا چڙيم سَـڏَ سيجَ سُمَهڻَ جي
مُئو ٿِي مزماڻيءَ سان، ڏونگرَ واريون ڏئـي ڏَهنايون

۴. "مصري" مَچي جئن جَرَ کان ٻاهرِ
ٽئن گَهنگهرَ ۾ ڏينهن گذاري گاڏرِ
هـوتَ ري حيرانيءَ سان، عشقَ وجايس الپيلايون

[٦٧]

ٻارڊين جي ماريئن، توٽي نٿو نِهارڊين
آءُ اوهان جي آهيان

۱. ٻِرينْ ٻاندُ نہ چڙيئن، جي ٿِي وِرَهَ وهارڊين
آسَ اُميد نہ لاهيان

۲. رِڻَ ۾ راحتَ روحَ کي، توٽي ٻَرَ ۾ ٻِهاريين
سُجَ وَسندڙِ ٻانڌيان

۳. موچارلَ! سُنهن ٻنهنجي، ڏکيءَ کي نہ ڏيکاريين
دَر تنهنجي تي دانهيان

۴. مِلي جي "مصري" سان، گَهڙِي کا گهارڊين
گُڏِ سندءِ هوند ڳايان

[٦٨]

گهوري ويان گهوري، آءٌ الله لڳ اوري،
ڏکيا گذاريم ڏينهڙا

١. ڪاڏيان هاڻ ڪَٽِن کي، طُولُون تکيا تو ري
سيڄُون ڀانيان ٿي سَپ سِينهڙا

٢. گولي گَس گُنگن جا، سدا ٿي سوري
ذوان لايو توسين نينهڙا

٣. دلڙيون دردوندن جون، چَريون ڪيئي چوري
هوت نيئي تو هينڙا

٤. مٺي دل "مصري" جي، مِلڻ ساڻ سوري
وَس مندائتا مينهڙا

[٦٩]

زاري توسان زاري، تنهنجي مَحبت آهيان ماري
چاڪَ چُڪيءَ جا وِيُون چوري

١. هَنيئي نيزا نينهن جا، جِگَرَ ۾ جاري
نيئي ڪليجا ڪوري

٢. سواءِ تنهنجي سپرين، ڀانيان قيامت ڪاري
آءٌ الله لڳ اوري

٣. هوت! منهنجي حالَ جي، توکي سُـتِ ساري
سگهان ڏونگر نئي ڏوري
٤. منان وجهين "مصري" ساڻ، گهڙيءَ جي گهاري
جاني! جدائي ڏِي جهوري

[٧٠]

سدا منهنجون سڪنديون پاندي روز پُڇَنِ
اکڙيون عربيءَ چار کي

١. ذاتي نبيءَ ڪريمَ جي، ذاتي نينهَن نينَ
٢. اَندر اَڪنڊ عجيبَ جي، اَپر آج اَڻنِ
٣. محبتَ جي مجازَ جا، مَڱرَ مَـڃَ مٿَنِ
٤. تَسياريون طلبَ ۾، تانگهو ڪيو تَرسنِ
٥. هاشمي حبيبَ ڏي، منجهان هيجَ هَلنِ
٦. مولى هن "مصريءَ" کي، ميڙئين محبوبنِ

سُرُ ديسي

[٧١]

ليڙا لانچياڙون، جَمَلَ جانڪياڙون، آديءَ راتِ اُٿي ڪري
١. پوٽين پَڌاڙون ڪَرها، ڪانِ ڪاهياڙون

٢. پوندي بارُ نہ پيڪيا، ڪَٺ نہ ڪُڇيائون
٣. ڇِرڪ ڏيئي ڇوريءَ کي، ڇَپَرِ ڇڏيائون
٤. ماڳِ نيئي "مصري" ڇٽي، ڏاڳها ڏاڻيائون

[٧٢]

ڪَرَهل آ ڪاهِي، واڳُون ورائي، ڇُلُ مَ جامَ جَتيءَ جا

١. ڳڏيو وڃي ڳوليءَ کي، ليڙنِ سان لائي
٢. تو لئي ڏوُنگ وڻـن ۾، پاڻيِٺ پاڏائي
٣. ڏاڍو جوش جبلَ جـو، تَتيَنِ کي تائي
٤. تنهنجي مددَ "مصري" ڇٽي، مارڳِ مَرڪائي

[٧٣]

هوتَ مَ ڇـڏجاه هـيَ، سائينءَ لڳِ سميعُ
پيرين * پيادي پنڌ ۾

١. مِڙني مٿانهون مُرسلِين، ڏيو تنهنجو شانُ شفيعُ
٢. قـائمُ قُربُ قـرآن ۾، قـادِرُ ڪِيو قَويُ
٣. عيبَ ڍڪيا تو عـاصِيِنَ، لاڙي پاندُ لُنڱي
٤. 'لَولاكَ لَمّا خَلَقْتُ الافَلاڪ' واحدَ ڏنئي ويُ
٥. ڪر مَدتَ "مصري" سان، اَچي وارِي واڳَ وَلِيُ

---

* خليفي جام مڪسي جي روايت: پرين پيادي

[٧٤]

اَچي پَرڏياڙي پيئي، پُنهل سائينءَ پٺيءَ تنهنجي

١. ڪري ڪوڙائيون ڪَچايون ڪوڙيون، پلو ميان
آئي دَرِ دوست سَنديءِ...

٢. وِرهَ ور ڏيئي وَرائي ڪَئي ويڳاڻي، پلو ميان
وسئون ويچاري ويئي...

٣. سڏي هيڪر ساڻ پنهنجي گڏي گوليءَ کي، پلو ميان
ڏاڻ الله جي نيئي...

٤. محب "مصريءَ" جون سدايون اصلئون آهن، پلو ميان
مَتَئِي معلوم منڍيئي...

[٧٥]

موٽ سپاجها سائين، واقف حالَ منهنجي جا

١. دوستَ دعا ڪڻ وي آهيان، پلو ميان
تنهنجي سِر جِي سدائين...

٢. مَنڻ مناسب وي ناهي ڪِي، پلو ميان
ڪميڻي ڪي ڪَڏاهين...

٣. شال موچاري وي مَن پوئي، پلو ميان
واڳ ولهِي تي ورائين...

۴. "مصري" ساڻ محبت جو، پلو ميان
ناتو نيئون نباهين...

[٧٦]

ڏسي هيڏا منهنجا حال وو،
اجهي اگڻ آرياڻي ايندا،
هت هوت اَچي هڪ ڏيندا.

١. نيت نِندر نمائِي ناڻء سُئل
پسِي پورهيت پنهنجي پوء پيل
لَڙي پچندا سِي لڪپال وو—
چِني چپرن پر نہ چڙيندا، وٺي ساڻ وچوڙيل ويندا

٢. پَلا بدڪرن جا بارَ ڪٽن
پيهي پاڙياڙين کي پاڻ پُڇنِ
وري واري واڳَ وصال وو—
متي ڪاهل ڪرم ڪَرِيندا، هي ذال نمائِي نيندا

٣. ملِي معاف ڪندا محبوب مَديون
سڏي سيني لائيندا سِڪنديون
ڪندا سهڃئون سڄڻ سنڀال وو—
ويهي ويجها وِرهُ وڃيندا، ساڻ سان محبت ڪِينَ سٽيندا

۴. شاه "مصريءَ جي اچي ماڙَ ڪندا
تنهه جي بختِ پياري پاڙَ ڪندا
سندا ڪؤثر قدح ڪلال وو۔
پري ڏهرا دَست ڌريندا، گُلِ پانهون ڏيئي ڏَسيندا

[٧٧]

ڏنَل دوستُ خدا، مجرمن مٿان خيمو خاص اَڏيندو
١. ڏسِي ڏوهارين کي، واري واڳ وچان، الا
حضرت هٿَ ڌريندو...
٢. آجهو ٿيندو عاصين، آحمد جام اڳيان، اَلا
داڙُو ٿي پِـ دڙيندو...
٣. پرين پازياڻين جِي، ڪري پـاڻ پُچا، اَلا
گنهگار گَـڏيندو...
۴. "مصري" محرومن جي، مِهرئون مصطفيٰ، اَلا
سيد سـام جهليندو...

سر ڪيڏارو

[٧٨]

هو نِسورو ناز، مخفي مام ٿي آلتي معنيٰ
رمـز عجائِـبُ راز

١. ڪربلا جو قصيو ڪير پروڙي وو
ڪي سالِڪ سمجهن سازُ
٢. نُڪتو نزاڪتَ نينهہ جو ڪِيو سيّدَ سُجاڻي وو
اڳيئون نازَ نيازُ
٣. ذبيحُ الله کي ظاهر اَچِي آئيا اِشارا وو
عشق ڏنو آوازُ
٤. ڪري مَلارُ محبت "مصري" موهيا وو
سِڪَ ڪِيا سرفرازُ

[٧٩]

سَہَرَ سيڻَ سندامِ، جيڏيون ڙي!
ساري سُڄون ڏيڄُ ڏيئي ڏيئي ويا
١. مِلي مائلُ ڏي مُنيء سان مخفي مقالون ڪري
جانِ جُسو جِيء جڏيء جو، جگرُ جيرو منجهہ جَڙي
هڪڙي راتِ رهيامِ، جيڏيون ڙي!
روح رڳون سڀ وِڌي رِڌي ويا
٢. وطنِ ڏيڻَ جا ولهيء کي وايون وڃن ڏيئي

چوريءَ ڇپاتيءَ چڙهي ويا، ڇتاڙئون نہ ڇٽي
ڏونگر ڏس ڏنام، جيڏيون ڙي!
رکي سياروُن ڙڙيٺي مٿيٺي ويــا

٣. ڀــائي قنديل ڪُلهن ۾ ڏبي سناسڻ ســـدا
ڪنديس ڪاڻِ ڪوهيارلَ جي گاموگام گـــدا
ڪارا ويس ڪئام، جيڏيون ڙي!
وڳا ولهيءَ ڪي جيٺي ڏيٺي ويــا

٤. "مصري" چوي مڱر مچايا منهنجي جيءَ تي جتن
جيٺن جيٺن ياد پون ڏا تيٺن تيٺن ڏونهَ دُکن
متس ڪم وڌام، جيڏيــون ڙي!
ڪيچَ ڏٺي ڏس ڪيهي ڪريٺي ويا.

[٨٠]

ويکيم ديدُ شهيدُ دلبرَ دا، تنه ديدارَ بي اختيار مٺن ڪيا.

١. دَشتُ بَــلا دي وچ دلــبــر آيـــا
نــالُ رضا دي مَــنُ ربُ دا رايـــا
چاتِس بــار خُونخوارَ خنجر دا

٢. هي ماتمُ مُلڪو مُلڪ مَلڪ دي وچ
هفت زمين و هفت فلڪ دي وچ
هي افسوس اس راهِ اَمُرَ دا

٣. جانِ جگرَ پُرزي پرزي پاري
رهن پرخون سِر دي سِهري ساري
ظاهر چڪيسِ ذوقُ زهرَ دا

٤. هي جَلوا جُملِ جَهانِ جَهين دا
ويکيا "مصري" ُکِ مهتاب ڏوين دا
شعلا ڪيا هي اِهين شمس قمر دا

سر ڏلنگ

[٨١]

آءٌ وريو نٿي وران، جيئن وَران ڏيئن واريو ڙي يار
١. محبت تنهنجي مَچ مچايا، بِره اوهان جي پڙڪا لايا
ٻارڻ تنهن ۾ ڏي ٻران – هيءُ ٻري، سا نہ ٻاريو، ڙي يار
٢. سوجن ساڻ ڏا سڪنديون سڏيو، گهَرا ڏيو وريو گوليون گڏيو
ڏاه انهي سان ڏي ڏَران، جيئن ڏران ڏيئن ڏاريو، ڙي يار
٣. ڪنيزڪ جي تہ قرابت ڪيهي، آءٌ جُتيءَ جي جوڙ نہ جيهي
پورهيت ڏي مَن ٻران، ٻاٽياري پنهنجي پاريو، ڙي يار

۴. حدث جُڳائين هڪجهڙن سان، هيئن مَ ماريو مُئي ماڻن سان
گڏ رهڻ ٿي گُهران، جيئن گُهران تيئن گهاريو، ڙي ڏار
۵. ڀاڄهارن جون جُڙن ڀاڀيسُون، ٿانءَ ڏهن "مصري" مجلسيون
توه اوهان جي ٿي ٿرانءَ، ٿرهي ريءِ اڇي تاريو، ڙي ڏار

[۸۲]

آءٌ جـڏي نٿي جِيانءَ، جـــامَ پياري تنهن کي جيارِيو
۱. پَٽُ پيئڻ ري نہ پوءِ وران، آءٌ نا جيئڻ، ذا ٿِي مران
پِڪَ ڏيـو تــان پِـيـان، ولهيءَ ڏي ڪا وَنِي واريـــو
۲. روز ازل کنان آءٌ آچايل، سهڻا سائين! سنڌءِ سائـل
گڏي گداگر کِيانءَ، سَئنُون هٿان ٿي سي سُرڪيون ساريو
۳. پاذُ حجابَ جو چِڏيئي ڏاري، هاڻ کِلان تو کي ڪيئن نهاري
نــاز ڪري جڏهن نيانءَ، لاهي نقابــا تـڏهن نهاريو
۴. محب! "مصري" سان ماڏا چِڏيو، هر گَتِ گڏجي گولِي گڏيو
هتي هيڪلِي ٿي ٿِيان، سڏي سِڪنديون وٽ وهاريـو

[۸۳]

ساه صبر نٿو سَهي، دل درماندي درسن ڏاران
۱. نيمه نِقابَت ڪينَ نهاري، لـج شرمَ جــا گُهنڊ آٿاري
ڍِـرت پــٿري ٿِي پَهِي

٢. اھڙي تانْ نہ ھُيَسِ ڙي جيڏيون، حسن ھادي ڪيون
مون سين ھيڏيون
طلب وڏيس منجھہ تَھِي

٣. ماءِ پَليندي نہ رھيو ڙي سرتيون، روز ڏيانس ٿي ماھيو مٺيون
رُخ ڏسڻ ري نہ رَھِي

٤. جيڪر جامَ جُڙنِ بلورِي، محبَ "مصري" ڪن ميخوري
ڏاھہ انھي سين ٿِي ڏَھِي

[٨٤]

منھنجو صَدَقُ سِرُ تنھنجي قدم تان
تنھنجي قدم تان، دوست! دمَ تان

١. دامَ زلف جا ڏو ڏوپيو ڏريين، شاہ حُسن جا ڏو قيدي ڪريين
موھيو مُلڪ اِرم ڏان

٢. مُور نہ مَٽ تنھنجو مشڪُ ٿتار، جُود گھٽيري ٿي جان نثار
خوش خمدار ختم ڏان

٣. سور سنڌ ٿي شاديون پانيان، سڪ سيئي تنھن تان گھور گھمايان
سھس سرھايون تنھنجي غم تان

٤. سائل "مصري" ٿي محبن ڏي، ھي جَڳُ ھُو جڳ ٻئي ڪٿي ٻن ڏي
سانول يار صنم ڏان

[٨٥]

اکڙيون ناز جي ناتِي، سي ڏان رمز ڀليريءَ رڏيون

١. جامُ جلالي يـارَ پيارينِ، تنهين تماشي وهم وسارينِ
مَدَ اڌهي کان مَتيون...

٢. ناز نيڻن جي نِيوُن نِهوڙي، اَچي آئيڻيون خيما کوڙي
طرف سڄڻ جي سَٽيون...

٣. زلف سياه واسينگَ ولاتِي، جَهٽ وجهن ڏا ڀايو جهاتِي
پيـرِ اويـڙن پَٽيون...

٤. ڪوئي قريبن قيد ڪرايون، واري "مصري" ڪنهن نہ ورايون
ناز سهٽي جي نَٽيون...

[٨٦]

لايو عشق ڪرين ڏو اَرڏايون، ڪڏهن ڪهل نہ ڪنهن جي پوئِي

١. سهج سڏايو ڏُرت ڏڙايِين، لڪيو لوڪئون لياڪا پايِين
عجب اڪيون ڏو اَنڪايون ـ تنهنجا لَڪڻ لِڪِي نـا ڪوئِي

٢. "ڪلّ شيءٍ محيط" مقالون، دوش دُشالا، سِر سبز سالوُن
رنگ رنگ رمزون لايون ـ وَه جو ويس وجودي ڏَڪيوئِي

٣. صفتي مومن سان پَهتين پورو، صاحب، ستگر، ساڏ سمورو
تـن من ڏيون ٽَسلايون ـ ويهي ويجهو وَرُ جو وِڌوئِي

۴. چوُرنگ چِيرو گُل گلابي، ھر مذھب جو تون خان خُطابي
جت ڪٿ تنھنجون جايون ــ لامڪان لٿيئي سِــر لــوئي

۵. آھين فَلاطون خُمَ جو خواھن، اصل عربَ جو قائم ڪاھَن
طرحين طرحين تاخايـون ــ ملي "مصري" سان مَدُ مَئيوئي

[٨٧]

ھٿي تو ڪِيو ھينڙو ھادي بَند، ڀائي ڏايون ڏوريُون

١. ڀيڄُ ڀيارَلَ ڀاڻان پاتوئِي، ناتو نَدَر سان لائق لاتوئِي
ڪـــڙو ڪميٺيءَ ڪَندِ

۲. ڏيئي ڏکيءَ کي درد دلاسا، ٻـره ٻچي ٻيا پُوريئَي پاسا
تـــڏھـــن ٻيَس ٻـنـــدِ

۳. لَئون لڳَيِن سي تان لاشڪ لُڇنديون، پيئي پَدر سي تان
پلپل پڇنديون
نينھَن نقابَ جي نِـنـــدِ

۴. "لاتَقْنَطُوا" تو ڏنيون تسلايون، دردوندن کي ڏيون دلجايون
ڦـاسايوئي انـھي ڦَــنــدِ

۵. ڪٿي ياد، ڪٿي ويو وسري، ڪٿي ڪماند ڪٿي تون "مصري"
ھـاڻ ڏسان کھڙي ھَندِ

[٨٨]

دِل دوست ڏيئي دلداريون، هٿي هوتَ پنهون! تو هت ڪِي

١. "فَاذ ڪروني اَذڪُر ڪُم"، هرڪنهن وَجهَ ويهي وٽ سون
پِـــرت پـائي پاٽاريون — اهـڙي تماشي تِت ڪي

٢. رمزون تنهنجون رنگ رنگ اندر، مسجد، مَڙهِي، ميخاني، مندر
ڏاڍيـون ڏيئي ڏيکاريُون — آٿي عشق اَڙانگي اَرَتِ ڪِي

٣. آتشڪدي آرام ڪرين ٿو، ڪعبي ڪلمان دين ڌرين ٿو
هر مذهب موچاريون — جوڙي جاء پنهنجي جتِ ڪتِ ڪي

٤. جُز ڪُلّ جاء سنڌيائِي جاني! جائِي سانئڻ سائِي پاڻهِي
ڳُڻن جيون ڳِلِ ڳاريون — وجهِي گولِي ريهِي گَرَتِ ڪِي

٥. "مصري" ساڻ مچائِي مجلس، رنگپور روز رهائيون ۽ رس
پِـــرهَ اَڏي بـازاريـون — تو سُرهي سيڪنه سَتِ ڪِي

[٨٩]

دلـڙيون دام دلـبـر جــــي، ڏاڍي نـــازَ نِهوڙي ڦيُون

١. "اَنـا احمد" جـا جُڙين اشارا
پيون پـڌر ڦِـي ڪري پسارا — بَـــنِ ڏنـائـون ٻـيـون

٢. پـيـُـنِ دامَ ڦيون درمانـديون
وهن ڪين وِرهَ ڪان وانديون — حُسن هاديء جي هنيون

٣. نِيُون نهوڙي نــاز نيڻن جي
سُڪُ وڃاءِنِ سِڪَ سيڻن جي — خـودي خيالـن ڪنيون

٤. رنگُ وڙهين رخسار رنگيءَ جو
جَهٽُ لڳن نيڻ جنگيءَ جو — قـيـد قـريـبـن ڪيون

٥. ڪن مِئيون مجليسون "مصري"
ويـن وهمَ پيا سڀ وسري — رمـزَ سهٽي جي رَهيون

[٩٠]

پلي تانْ پيا خيالَ ويا خوشحال
ڏيس ڏسِي خيزُ سندن خوشنود.

١. جهوري جهانْءَ جهڄڻ جانيءَ جو، دوُر اهو دلِ ديوانيءَ جو
وريو ورق وصال، منجهہ مصحف ڏيم موجود

٢. ڏي مشهور مُهيا مَستي، هرگز ڪانہ رَهِي ڪي هستي
ڏيو قرب ڪمال، نيڻن جي ناز ڪِيُمس نابود

٣. جنهن ڏِيو آرام جبل جـو، ڏيو نظارو تنهہ نرمل جو
جنهلاءِ سڪيس سالَ، مَلَڪ فَلَڪ سڀ ڏيس مسجود

٤. بِرهَ بــابَ پڙهايا "مصري"، ويـا ورقَ پيا سڀ وسري
نظرَ ساڻ نهالَ، ڪياسون عشق اَچي آخوند.

سر بروو
[٩١]

منهنجي مارڻ لاءِ جوڙي، سِرَ سامين چڙيون چِتيون

١. سسئي سوز پنهلَ جي ڪئا ڪوه قاف ڪشالا
جبلُ جنت ڏيو تنهن کي وڏسِ توڙي ڇپرَ ڇالا
جَڙيون هنيسِ جتن جوڙي، سيڻي سورَ ڏيس سرتيون

٢. ساهُ ساهڙَ مٿان سَٽيو ڏوڏِي ڏارَ ترِي ڏي
جهليو طعنا ويئي ترِيو، وَرِي ڪين وَرِي ڏي
پڳس پيلو پيون پوڙي، آڏي پرزا ڏيِ پٽيون

٣. موملَ محلَ آڏائي جامانْ جادوگري جوڙيا
دلــوَنِ سانِ ڏتاري، نادرَ ڪئين ٿي نهوڙيا
موهي محبتَ وڏي موڙي، هٿي راڻي ڪيون رتيون

٤. هيرَ تدبيرَ وڃائي، جهليائين تقديرَ جا طعنا
جهنگ سيالَنَ جا جهيڙا، پاتائين ڳچيءَ ڳلِ ڳانا
ويئي ننگَ شرمُ لَجُون لوڙهي، توڙي ساهَ تي ڏنيون مٽيون

٥. آڏي ڪوڏن پر ڪُنوارِي قبولي قيدَ عمرَ جا
ويا ويچاريءَ نـ وسري ڏاڏا ڏاڏا ڏاڪَ ڏرَ جا

ويٺي سـا وِرهَ ولوڙي، ڀوُنْ ڀنهوارن ڀرٽيون

٦. لَڪَ ليلان جڏهن چڙيا، ڪاڏهن ڪؤنروءَ تڏهن ڪٺيو
ڏٺائين هـارُ ڀيس حيلا، مُٺيءَ مٺيءِ مٺي مَٺيو
پيٺي ڏک ۾ ڏکي ڏوري، پکيس پاڻُ سنديون پٽيون

٧. ڪڪوريا ڪيفَ ڪَڙي قاتلَ، گهڏن ٿا گهوٽَ
پيئو گهَرا
مُهانيءَ معافُ ڪيو "مصريِ" بر و بحر سَمي سهرا
وڏا تنهن جي نازَ نهوڙي، ستارا شمسَ قمرَ ڪٽيون.

سر بروو ۽ تلنگ

[٩٣]

سِڪنديون لاءِ سَڄڻَ جي، سي تان سهسين سانگَ ڪنديون

١. جڏهن بره جي وِرهَ ورايون
وتن ڪنديون وڻ وڻ سين وايون ـ سِڪَ سيدّ جي سنديون

٢. ڪري ڪشالا پيئيون پڌر تي
بارَ بِرهَ جي بيابان بَرَ تي ـ عشقُ اُوڙو اَديون

١.٣ حُسنُ ڏسي هادي جو هليون
رهن نـہ جهليون پاڻان پَليُون ـ آهِـن آسَروَنديون

۴. "مصري" موڻُ آهين مِٺو
پيرُ نـــ، هڪڙو پوڙهي ڏيٺو - بره اَڏانگي بَنديون.

سر جهنگلو

[۹۳]

پيو توريءَ کير ڏيندو، دردن کي دلاسا

۱. دردوندين اَڙيون دَرتي تنهنجي سدا آهن داڻهين، وي ميان
اَجهو اولو تون آنهن جو اڳي پوءِ آهين، وي ميان
پيا پُوريا شال جيوين، پيا پُوريا تن پاسا ...

۲. ودي ويچارن وچايا وسيلا واهُـــون، وي ميان
پَڏئون پياپيو تنهنجوَ نڪي پيون پاڻهون، وي ميان
اها ازلئون شال جيوين، اها ازلئون رکي آسا ...

۳. جَهلي سيراندي سڄڻَ جي، سِيني سر لائين، وي ميان
ڍِرين پاڻيءَ جِينُ توکي، اَجيل جي آهين، وي ميان
ڍِي پُر ڏين شالَ جيوين، ڍِي پُر ڏين پياسا ...

۴. وَنا، وچوڙا وچائي سِينهَ سيڙائي جا "مصرِي"، وي ميان
برسيو بادلُ بِره جو، نوان اوَيڙ ڏٺا نسري، وي ميان
ڪاڻا کَر شالَ جيوين، ڪاڻا کَر، ڏياسون خلاصا ...

سر سورٺ

[٩٤]

تنهنجي ديدَ جن کي دام اَچ، دلبرا! وڏا ديدارَ جا
عاجزن آهــون سٺي اِعلاج ڪر آزارَ جا
١. اِن اکين ڏيئي اشارا، رَت اسان جــو هــاريو
ڀاڻي پيچ پرڏيهي ڪُناڻون، زلف گهنڊڙيدار جا
٢. اي صحيح رسمَ شڪار جي، جي هٿن خوش ٿي ڪٺن
جي گُڏيل گمر ٿيو ته ٿا ڪن نوع لکين نِهارَ جا
٣. تون بـــ، تيراَنداز تڪڙو، ڌُرت آ تَهتان تڪو
اَچ هٿي هَٿَ ڌارِ، رک وري شوق ٻئي ٻه شڪارَ جا
٤. پَرَ پِڻي پِيرل! اَچي، چڱ ماڻَ "مصري" سين مِڻا!
تــو ٻنان بلڪل سَجڻ! ڪهڙا بِــلا بيمارَ جا.

[٩٥]

وجهِي زلفَ جي دامَ ۾، پاڻي قيد تـو ڪاڻَ ڪيا
١. هــر زمـان هــر لحظي هـر حملا ڪيو هَنيَـڙا هَٿي
ڏا سهن سهسين سِتم، هو جي پهه پئيءَ تنهنجي پِيا
٢. لڻون لڳين لَجَ کي چڏيئون، لالچ نه ڪن ٻي لوڪَ جي
اِنهي نَينَ جون نوڪون اَڙيَن، پيڪانَ جي پاسي رهيا

٣. ڪَيئر اڙين ڪَڙيون ڪمندَ، ڪاڪُل ڪَليجَنِ منجهہ ڪُنيا
بي پَر پکي پڃري اندر قُمريءَ مثل قابو ٿِيا
٤. رکي محبتَ سِيڻُ "مصري" تو سوهيا ماڏهو مَلڪَ
ڏاڍي ذوقَ سين نالي سَڄڻ پائي پَيندَ لارُن جيئن لَيا.

[٩٦]

دَستِ دلبر جي دوا، دردن توڙي درمانَ جِي
وَتِ تنهين کان ڪا وَٺِي، دولت ڏيئي دل جانَ جِي
١. محبَ معنيٰ ۽ مَلاحَتَ ۾ منوّر مِثل ماه
ناه طاقت شمس قمر، سُنبل ۽ سَرطان جي
٢. تابُ ڇا تارن جو، هِيءَ موسيٰ ڪِنانْ تجلي تکي
هُن جلايو جبلُ، هيءَ رهبر کُلِي رحمانَ جي
٣. رُخَ رنگي جنهن روپَ سان روشن ڪيا پُئِي جڳَ رَلِي
پَئِي پڌرِ هھڙي حڪايت ناز جي نِيشانَ جي
٤. مُنهن ڏسيو محبوب جو "مصري" ڇئي اي مهربان!
جنهن ڏٺي ڏک ڏور سڀ، وسندي ٿئي ويرانَ جي.

[٩٧]

پَکِي! تون تہ آهين پرڏيهي، ڪهڙي واءُ ڪان وطن ڇڏيوڙي؟
طرحين طرحين جا گُلَ طوطا! چِئو ڇو چمن ڇڏيوڙي؟

١. اِرم ڪان تون هِتي آئين ڪهڙي سانگي سُڪل سَرَ ۾
ٻهاريل باغ فردوسي، ڪٿي گلزار عدن ڇڏيوئي؟
٢. قبولِي ڪربلا ڪوڙئون اسـامالله جيئن اَڄ تـو
ذبيح الله ڏي ظاهر، پاڻهي پنهنجو ڪفن ڇڏيوئي؟
٣. جڏهن حبّ الوطن آيئي، من الايمان سچ سمجهيئي
ڪري پرواز پـيـچ پيرو، آذر لالا سمن ڇڏيوئي
٤. اَڪنڊ آشيان جي رڪ تون، وڏي واهيري جون ويئُون
برابر مُشڪَ جي "مصري" سدا سهٽو صحن ڇڏيوئي.

سر سارنگ

[٩٨]

ٻُونڊَ پلي ٻَرسي، سبزيون سِرَ سونْهنَ جي سالُون
١. سِرتيون! ساهڙ چامَ تـان، گهوريان هي گهرَ سي
ترنديسِ تار تونڊي جي تانگها، سٽنديسِ سانيرَ سي
ڇيها جِت چَـــرن ڏيون چالون...
٢. پُنيءِ ٻهاڙ پنهل جي پچنديس، ڏوري ڏونگرَ سي
ٻيهنديس چاڻي گولِي ٻانْدي، دستَ ٻَڌي درَ سي
لحظا سپ لَڪن جـون لعلون...

٣. سهج سُتي سودي جي سا مُنَتِ، ڏيٺ ڪِنهي ڏر سي
ڪري ويچار ورائيون واڪُون، حڪمتَ دار هُنرَ سي
ڏيوءِ ڏيِ مجنونن مثالُون...

٤. لِيلان لج وڃائي پنهنجي، ڇِڻِي چنيسر سي
ڏيئي ڏوراپا ڏکيا ڏکَ جا، وڙهِي آئي وَرَ سي
تـڏهن سورن لـڏِيس سنڀالون...

٥. ساري روز سانيڙا سانگي، ڏر ٻر ڏوهر سي
ڇَني ڇيڪاريئون ڇيلا ڏِتِ، نِت نالُون ڪن نَر سي
هنيون جت پنهوارن ڀالُون...

٦. ڪانگل آندي ڪاله ڪتابت، کِينءَ جي خبرَ سي
لاڏو ڏکَ اَنـدر جا اَد يون، ڀَکيءَ هَٿِي ڀَرَ سي
محبن جون مـر هجن مقالون...

٧. سُکي جـن کي سالَ ڏيا هٺا، ساوا ڏيا سَرَ سي
"مصري" شـالَ ميڙائي ڏاراں دم دم دلـبرَ سي
ويلَ مَ پوئي ويساندِ وصالون...

[٩٩]

اَڄ تہ عجيبن آئي لايا نينهن ذوان

١. برساتون ۽ ٻوندون، بَدل بهار ٻنا
ريهي رحمتَ سان ريلي گذيئون چمرَ چنا
سڀ هند سبزا ٿيا، عيدون اَسان ۽ اوهان...

٢. ڏنيون ڪنياتن خبرون سهسين ساوڻ جون
مليا محب منگلَ ڳائي ڪَلَ لاوَڻ جون
الله ڪيون آباديون، پاندين پيرين پوان...

٣. غمَ گوندرَ ويا گذري، شڪرانا شاديءَ جا
ڪوڙين ڪروڙين ڪرمَ، حمدَ لکين هاديءَ جا
صفتون صاحبَ سنديون ڪوڙيون ڇئي ڪيئن چوان...

٤. مينهن منداڻتا "مصري"، واهَ ولهرِ وَٺا
سَرها سيني لائيان، مِلي محبَ مِٺا
ڏيہ ڏنگو ڇا ڪندو، سڄڻ هُونِ سنوان...

[١٠٠]

ٻرَجُ ٻيارا آ ڀرِيات، سڪَ سڄڻ تنهنجي ساڻوڻ لايا

١. آڪرُ اوهيڙن اکڙين جي، اَڇي مٽان عرفات
بَطحيٰ يثرب ٻوندَ پجايو، رحمتَ ريلي راتِ

٢. سيوهڻ ۽ ملتان، سکر تي ٻـره ڪئي ٻرسات
ڏيلهي ڏر ٻر روه رِجائي، ڪاهياڻون ڪڇ قلات
٣. سُرهـا سارنگ سِنڌ سَرهايون، قحطُ ڏِکِي ڪَثرات
ڏَکيءِ ڍولُ ڍکي آ ڍيهِي، تَن مَن تنهنجي تات
٤. مَشهدَ مينهَن موهيو تـي، سَهَس رنگي سَبزات
خـراسان کِنْوائي وِچڙيـون هليون ڏونـه هيرات
٥. اوَگُـڻـي آءِ آهيـان اِصـل اوڇـِي ذات
تنهنجا ڳُڻَ ڳڻـڻ کـان اڳـرا، اَحسنُ الطافات
٦. "مصريءَ" کي ربُّ ميڙئين، مُرسَلُ رفيعُ الدرّجات
آل مٿي اَصحابـن آن جي، سهسين سلام صلوات.

[١٠١]

ڍيٺم مت پرديس ڍڏارو، رُت ساوڻ ڪي ساوَريا
١. ڪالِي گهٽا گهٽ رِين انڌيري، ٻَرس ڊراوي ٻادريا
٢. ٻار ٻار ٻِيا ٻجلي چمڪي، چڙهه ڪر چڙهه ڪر چَنْبَريا
٣. ڪويَل مور پَپّيا ٻولي، ڏُوم مَچي وچ ڏاڏَريا
٤. رهـو هماري پـاس پيروا، ڍهن ڪَسُونْبل ڪيسريا
٥. "مصري" سات مقابل ٻيٺو، مَن موهن مِل مَندريا.

[١٠٢]

ڏٺينْ دل متان دلگير، اَج سُڀان اڳندا ڀرين

١. سَمُنَ ساڏوڻ جي ڪياڻون، سرانجام سُڌيرَ.....

٢. اَڏو نورُ نبيءَ تي، نوڙيون ڏيريون نيرَ.....

٣. لاڙا فِڪرَ فراقَ جا، فضل ساڻِ فقيرَ.....

٤. معاف ڪياڻون "مصريءَ" جا، سهسين صغير ڪبيرَ.....

[١٠٣]

اَج مليا مشتاقَ، سڄڻ ۽ سِڪنديون

١. ڪري وَڙُ ويچاريءَ تي وارث
ڀاڙان ڀڃي آيُم ڀارَسُ
هنڌ هنڌ جنهن جِي هاڪَ...

٢. ڪري سازَ سينگارَ سونهارا
اوري آڏي اَڏياڻون اوتارا
اورانگهي اَفلاڪَ...

٣. "اَلانسانُ سِرّ" سڏياڻون
واري وصالَ جِي واڳَ وراياڻون
لٿا فرقَ فراقَ...

٤. "وَ نَحْنُ اَقْرَبُ" نِت نِت نيڙي
وُنا "مصري" تنهنجي ويڙهي
اندر ڏسي اوطاقَ...

[١٠٤]

ڪڏهن ڪوهيارل وچو هڪڙي راتِ رَهي

١. ڀاڳي ڳَلِ ڀانڊي ڀلؤ ڀرين ڀيرين ڀڄ
منهنجي ڀاران مِنَت ڪيچ ڏٿين ڪي ڪا ڪِج
آءُ اللهُ اڳ اوري، لعلَ لَڪَنِ تان لَهي...

٢. سوٽُ سڀاجها سُپرين، محرمُ حالُ ملنا
تؤنگ وَرَنِ پر تو ري مون ڏاڍا ڏينهن ڏٺا
ڏَنُ ڏَهوارون ڏيم، ڀرَ ڀؤنْ منجهه پهِي...

٣. چامَ چَٽيءِ جا چِلُ مَ، پنهل پَراهون پري
آءُ اوراهُونْ ته جٽي، جَڏي جانڪيتانْ نه مَري
دِل درماندي دلبرَ، تنهنجي حُسن هَٽي...

٤. آءُ پَرَڏياڏي پورهتِ، ڪانڌَ ڪميني آهيان
ڏرَ برَ ڏيلي ڏڪيس ڪهڙي منهن ڀٽي ڪاهيان
"مصريءَ" ماڙَ ڪري، لهندا سارَ سَهي...

[١٠٥]

ميڙئين ربّ مشتاق، جلوي جوت جمال پرينءَ جي

١. شفيع المذنبين شافعُ، لقب سندس لولاڪَ
عزّت احمد چامَ جي اورانگهيا افلاڪ

٢. هر ملّت جا مڪتوب ڏٺاري، آجاريائين آفاقَ
پَڌي منديلُ مُناري چڙهيو، ڏالامر بُراق

٣. نورُ نسيم نظاري جنهن جي چوريا چوڏهن طاقَ
"ڪُن فيڪُون" جا ڪؤنر قراريا، ماڳ متي ميثاقَ

٤. بادلَ بيرنگيءَ جون بوندون، برَ آئيون بيباڪ
رونقَ رنگ رحمتَ جا ريلا، آيا اندر اوطاقَ

٥. آڪندَ عشقُ عجيبن اوکي، الٰهي اِشتياق
ميڙئين "مصري" کي محبوبن، صدقو پنجتن پاڪَ.

سر جوڳ

[١٠٦]

سجده گاهه جاڏي صورت ۾، سَيرُ جن سِر جو ڪيو
مسجد مڙهيءَ ميخان ۾ محبوب تن مُيسر ڏيو

١. هِت هتي، هرڪنهن وَجهه، هر جاءِ حق حاضر ڏسي
سرخرو ساجِدَ ٿيا، سهسين اَچن سي سِرَ ڏيو

٢. سِڪ سندي ساقِي سَجِي سُرڪِي سڏي جا سُورَ جِي
ڏنهن ڏئي محبت موهيا، مقرر مرڻ مانجهين مچيو
٣. عيد چاتو عاشقن عَهدئون اَمـــرُ اللّٰه جو
خَيرُ شرّ خالق سوا ڪنهن ڪان نہ چاڙن ڪي ڏيو
٤. ”مَن طَلَبَ شيءِ“ مڙئي ”مصري“ مُرادون مَن اندر
”وَ نَحْنُ اَقرب“ ويجهڙو ووڙيندي وارث وَرُ ڏٺو.

[١٠٧]

ڏس صاف صوفي! اڄ اچي پيمانو يڪرنگ يار جو
ڏان ڪَسوٽيءِ قلبَ جي آگاه ڏيئين اسرار جو
١. وحدتان ڪثرت جـو قُلـزم ڏيو متارو مَوجوَر
لُـــڙ لَـڳي لهرن لڪايو ڪپرُ ڪارونڀار جو
٢. زُهـد، طاعت ۽ عبادت ڪِينَ ڏيندي جلوه گر
نيڪنامي ’ناذه‘ ڪر، ڇڏ ننگ نيم و عار جو
٣. ڪفر ۽ اسـلام هِت هت ٻـڌي تسليم ڪر
تڪيو تڪبر تـرڪ ڪر تسبيح اِستغفار جو
٤. مست سـائل رِنـد اِنهي راز جـا محرم مقيم
ڏيا پتنگ پُرجهِي پِرولِي پَهُ، ڪري هُن پار جو

٥. ڪر آندر جي آرسي تقوىٰ جي صيقل ساڻ صاف
وَڻُ 'هُٺُ' جو ڇڏ وڌي، ڏُرهو مَ پڌ ڏڪرار جو
٦. مَٿي مٿو مهراڻ "مصري" آهہ مشڪل موج مست
ڪنهن ٽَرِي تاروءُ پَتو آڌو نہ اَبتي آر جو.

[١٠٨]

وسري ويا ٻئي جَڳَ جڏهن دِل جانَ سان دلبرُ ڏٺم
مهتاب مُک محبوبَ جو محرابُ مُنهن منوّرُ ڏٺم
١. دل سچاتو سڄڻ جو اَڇي سَيرُ سڀڪنهن جاءِ تي
مَن جا ڏٺا مطلب مڙيئي، پُورا پِرين پرور ڏٺم
٢. شيخ، قاضي پاڪدامن، اي مشائخ مولوي!
ڪر نصيحت ڪي ڦِٽو، هر جاءِ حق حاضر ڏٺم
٣. دينُ ۽ ايمانُ تقويٰ زلف جي پيچا پيچ ۾
دامَ ۾ داڻي مثل تڪرار ڪارو تِرُ ڏٺم
٤. عمر ساري جي عبادتَ تِرَ هِڪِي تاراج ڪِي
ويو هٿي هندو ڪٿي، ڪعبي اندر ڪافرُ ڏٺم
٥. عاقِل، عالِم، اوليا صُنعان جهڙا سَو هزار
قيد ڪاڪُلَ جي ڪَڙِي ۾ مَلڪ سڀ مُضطَر ڏٺم

۶. حُسن خود هٿ ۾ جَنهين جي، دامُ ڏاڍو دلفريب
راهَ ۾ رهـزن وڏو ٿـيِ، رهـنما رهبر ڏنـم
۷. چوطرف، چارئي ڏسيون، چوڏهن طبق، چارئي مڪان
ڪونہ ڀيو ڀَڙ ندڙ دِليون، تنهن مَٽ نہ ڪو مُسَخّر ڏنم
۸. ڏس همتَ حضرت حُسين جي ڀَٽ اکيون اي آسمان!
دِل ڪُٺل دَشتِ بـلا ۾ ساقيءِ ڪوثـر ڏنـم
۹. ڀِـڙَ مٿي ٻُوريِ ڪئي منصور ”مصري“ سڀ مراد
سربسر صورت الاهي سُونهن سندس سرور ڏنم.

[۱۰۹]

نيَڻي نماڻن جون دِليون ناحق نگارا بي سبب
وٽ وِهو ويجهو، وريو ڪريَن ڪنارا بي سبب
۱. ناز سين لاهيو نقاب، گڏ وِهو گهونگهٽُ ڪيَن
ڪوه مِنا! مشتاقَ مارين، ڏيئي نظارا بي سبب
۲. لَعل لب لعلون يمن جون، روءِ رُخ رَشڪِ چمن
نيڻ نرگس نيمخوابي اِنتظارا بـي سبب
۳. زُلـفَ سَلسَلدارِ گيِسُو عنبريـن رخسار تـي
ڪَرَ ڪٿيو ڪائـن ڪليجا نانگ ڪارا بي سبب

٤. ڪن ڪمان اَبرو اَڏو اَڏ رَخش رُستم، زال ڪي
سامُ، بَرزو، گيوَ ڪان ڏَا وڌن وارا بي سبب

٥. عشق جي آڏيو اَري ۾ پوء پراھون ڏيو ڏيھين
آہ دل دلبر! سنديئي سنگ خارا بي سبب

٦. سھجئون سڪندن ڪي سڏيو ڏھنئون تڙائين ترت تون
اي سندو اِنصافُ عالم آشڪارا بي سبب

٧. مر تہ عاشق عيدَ ڪن، ماڏا مَ ڪر محبوب! تون
ڪيسُ چڏ ڪوہ ڏو ڪُھين وَرَ ڏيو ويچارا بي سبب

٨. ٻھر ڪر "مصري" مٿي، خوشدل مَ ڏيُ خنجر گذار
نہ تہ عوض وٺندءُ انھي جو دادُ دارا بي سبب.

[١١٠]

سھس رنگ سيلا سَنھان سِرَ تي ستمگر! ڪيم ڪر
دردوندن جون دليون حيران ھر ھر ڪيم ڪر

١. سياہ سُنبل زلفَ سھڻا، رُخ مٿي چوڙيو چڏين
مُشڪ سان موھي مَلي ماندا مسافر ڪيم ڪر

٢. ڪن ٿ سَلُوڻا نيڻَ نرگس نيمخوابي پُرخمار
نِت نقاب اَندر نماڻا ناز پرور ڪيم ڪر

٣. مُنهن وجهيو محرابَ ۾ ابرُن جي عاشقَ عيد ڪن
بُوالعجب برقعو ڏيکي آسمان اَختر ڪيم ڪر
٤. جلوه‌گرا! جلوه نما تِي مِهر ڪِيئي "مصري" مٿي
دلربا! درسن ڏيئي دَر دَست خنجر ڪيم ڪر.

[١١١]

ڪر ڪا مِهر مِل ماهرُو!
مَ لِڪاءِ مُک مُکرم مُدام

١. دلدار دم دُور مَ وِهو، ڪو ڪر ڪرم ڪامل اِهو
هر مَهل سِر مُک کولهو — هڪ لِکَ لمحه وارِهو لگام...
٢. ڪَرِهو درد دِل کان دُور دُک، مَ لِڪاءِ مارو مُور مُک
سَرِهو سدا اِهو سُور سُک — دِل دام در دارالسّلام...
٣. ڪر ڪرم وارو ڪو ڪکرُ، وهلو وَسو وَس واه وَرُ
وه وِرهُ آه وهواه وڪرُ — اَصلاً لڪئو عالَمِ دوام...
٤. رَه راس راوِل! ڪر رحم، مَ سَهاءِ سَوَ سهسِ سَتَم
حُور و مَلکَ مارڻا مَرم — مائل ڪرهو مَرهم مَلام...
٥. ڪا مدد مالڪَ مِهر ڪر، گولو گداگر گامِ گهرِ
سَرهو سُکالو ساه سَر — "مصري" رکو عالم امام...

[۱۱۲]

ڪار ڪرِ، ڪاهل مَ هوءِ، ڪر ڪار ڪامل رَهُ ڪمال
ڪم ڪوس! ڪم ڪر لِکَ لمحُ، هر مهل هردم ڪاءِ حلال

۱. ڪار در محڪم مهل سِر هوءِ ڪو ڪس هڪ ڪلام
سو سرد سوراَ ساه مڪرّم آهِ محرم دل مُدام

۲. وهُ مَ معطل، ڪر مطالع، اسم احمد ۽ الله
آهو ڪار ڪم سارو سرس آهِ، وره واهر واه واه

۳. واه واحد آه اعلىٰ، مُلڪ مالڪ مددگار
سو سدا سَرد و گرم در آه همدم هر دوارُ

۴. دو مَ لَکِ، ڪر دُور دوءِ ۽ رام راحم راهَ هِڪ
رَهُ سدا سَرهو سُڪالو، لا وَهم لا حد مَ لِڪُ.

[۱۱۳]

ساهُ صَدَقُ دل اکيون جانِ، مالُ متاعَ سڀ دولتَ تنهنجي

۱. دردَ علاج اوهان کان ڀانيان، ڏکَ سُکَ تنهنجا ڪنهن نه سڻايان
دلبرا! تون درمانُ، ويڇنِ ناهِ ولايت تنهنجي

۲. توڻي هوت هزار هجن ڪي، سور نه مَٺيان جوڙ جتيءَ جي
اَهنجو اعليٰ شانُ، نرملِ ناهه نهايت تنهنجي

٣. ٻئي جهان تَجلّو تنهن جو، هت هُت آهي جلوو جنهن جو
جيئن سمو قسم قـــرآن، پـڙهن سدا تسبيحت تنهنجي
٤ دلبر دارون درماندين جا، آيـا بخت وريـا باندين جا
سِرُ ننگ لـِج قُربان، "مصري" لاهـ ملاَمَتَ تنهنجي.

[١١٤]

اسين عشق پرڏياسون اَلَهتُ، ڪريون ڪوه ڪُفر ايمان ڪي
اسين آجايل عجز جا، ڪريون ڪوه وَصل ويران ڪي
١. هن حياتيءَ لئي ڏسون ٿـا لعل لب مرجان ڪي
پـوءِ جنازا بـي دفـن، ڪندا ڪوه قبرستان ڪي
٢. اسين ڪٺل آهيون قرب جا، مور نہ مڃون فُرقان ڪي
پُڇون ڪِينَ دعويٰ داد جو قاضي توڙي ديوان ڪي
٣. اسين قِبلو ڄاڻون ڪعبو ڪَج ابرو سندي اَيوانَ ڪي
جي نہ آهيون مست ڏِسهُون ڪِين ٻئي مستانَ ڪي
٤. جي گُهرين ٿو منجهہ ٻنهِينْ عالمَ جيئڻ جانانِ ڪي
تـان ڪٺي چڙ بهشت دوزخ روضهءِ رضوان ڪي
٥. جيڪو بـره جو بار باسـي ويو ڪُنَهَ قُربستانَ ڪي
ڏنائين ڏک ري ڪونـہ پيو پيڙو نذر درمان ڪي
٦. حق جي صورت ٿو گُهرين ڇڏ باغ هن بستان ڪي
آهي اشارو عين آت "مصري" مَ ڇڏ ميدان ڪي.

[١١٥]

اسين مست ٿيا، مور نہ مڃيون اِنَ صف شِڪَن سالار کي
سالڪن ڪيو سجدہ گہ جنہ جي ديد ۽ ديدار کي

١. سڪ منجھان سجدا ڪريون اِنھي سروقد سالارَ کي
پتنگ وانگر پاڻ ڏيون گل شمع رنگ رُخسار کي

٢. ٻـن جھانن جو ٻنڌڻ ڪري ڪج زُلفُ خمدار کي
ٻَـڌو وَرَ وَرَ ڏيئي دل ٻـي صبر بي اختيار کي

٣. مُحتسب! مَنَعُونْ ڪري ڇـڏ ڪفر ٻـد بدڪار کي
اسين وساري ڪيئن وھون اھڙي بخت نت بيدار کي!

٤. ڏِسُ ھلي ڏيئي جانِ جيء عَين العَجبُ اسرار کي
گڏيون تـان گُوندرَ لٿا، اِعلاجُ ٿيو آزارَ کي

٥. محض شـــہ معراج ڇيو جنہ جلوہ گر جنسار کي
مَردُ ٿي "مصري" نہ مَٽ تنہ مَطلعُ الاَنـوار کي.

[١١٦]

جن ناز ڏٺا سي ٿيا نروار، شوق وڇائي شان جا

١. ڪيائون قبول ڪسڻ قدم تان، گل رخسار مستان چشم تان
صدقو سي ڇمار، ٻهت سندن پيڪان جـــا...

٢. پيا زنجير زلف جا جن کي، لحظا لڏون لطف جا تن کي
ساقيءَ جيءَ سنيار، جُنگ پين جَولانَ جـا...

٣. لڳن نينهن هنياڙون نعرا، وڃي متي ڪِيا مَردن مارا
عشق ڏنن اختيار، محبت جي ميدان جا...

٤. جامُ جُڙَن ڏان مر ڏون "مصري"، آءُ چَونِ تان اڄ تون آمري
پير مُ پوئتي وارِ، ماڻ مَزا ميَخان جا...

[١١٧]

ڏاڏي نازَنِ جي ڪِيا نظر نهالَ، مُلڪ فَلَڪ مخمور ڏِيا

١. ڪِياڙون ناز نقابا لاهي، وڏاڙون ڪوٺ ڪفرَ جا ڏاهي
باندي ڏيا بيحال، چشمِ مبارڪ چُور ڪِيا...

٢. تجلن تنهنجن جبلَ جلايا، اَن آڙاه تي عاشق آيـــا
پِٺي ڏيا پيمال، مَچ گِهڙي منصور ڏيا...

٣. سهڻي ساقي ساغر سِڪ جا، لَڪَ لڪوڻي لحظن لڪ جا
ڏنن جامُ جلال، پيتاڙون پُرنـور ڏيا...

٤. جهڳمڳ جهلڪيدار ڀلالا، محب ڏناسون محبت والا
"مصري" مالا مال، ميِنٺڙي هاڻ حُضور ٿيا...

[١١٨]

ڪيهي ڪتابت ڪريون، ڪاڪُلَ ڪُنيڙي ۽ ڪَجلَ جي

١. صفون سهسين سِڪنديون سنديون، چالَ ڏسي ٿيون چَريون
بيچُون، بيرنگِ، بيمثل جي...

٢. پائي دامَ دِلين کي دلبرَ دَست دُواليُون ڏَريُون
طمع ڏيئي طَعامي تِلَ جي...

٣. ھَيُون حيرتَ ۾ حُسنَ جي حُورون، پرت پڙھن ڏيون پَريون
اِنھي شڪاريءَ جي شِڪلَ جي...

٤. "مصري" مشتاقن جي رت سان نيڻن نَوڪُون پُريون
ڪار ڪَيمِرَ ڪن قتل جي...

[١١٩]

ڪيئن ڪِھاٽيون ڪنديون، تنھنجي بِره بَچَڻ جون

١. "وَ نَحنُ اَقرَب" نيڻ اَڙائي، چَشمَ اَوڙا چوڏس چاڙئي
بازيگرَ! تو بَنديون بَنديون

٢. جي نيڻن جي نوڪن چڙھنديون، سي "سُبحانَ الّذي اَسْرٰي" پڙھنديون
دلبر! دردن وَنديون وَنديون

٣. ڪوڏيو وينو ڪيسَ ڪرائين، ويندِيون واريو پوءِ وَرائين
گڏ وھارين گَنديون گَنديون

٤. بِرهُ اوھان جو بيشڪ ڀاري، زوراور توسين زارو زاري
ميت "مصري" جون مَنديون مَنديون.

[١٢٠]

ڪَيَئِي پِريشان پريون پريون، تـو رـزون لائِي

١. هر دو جهان حيرتَ ۾ حورون، محبت ڪيون مَخموروُن
چاه ڏسي ڏيون ڇَريون ڇريون

٢. سَسُيئُون، سُهڻيون ۽ لِيلائون، ٻڏي ٻيٺيون اڇي سي ڀاڻهون
ڏِسي ولايت وَريـون وريـون

٣ ٻَـڏي ٻَنڌُڻَ ٻِپارا ٻـائي، ڪاريهر ٻيٺا ڪنڌ نَمائـِي
ناز ڍِڳِـين تنهنجي ڏَريون ڏريون

٤. "مصري" ساڻِ ملي ڪر مبرّا، آءُ اڳُڻِ تان وَسنم وِيڙها
عرض اِهيئي ڏا ڪَريون ڪريون.

[١٢١]

عشقَ سچو ڏي اسلام، مذهبُ محبتَ جو عين مبارَڪُ

١. سُڻ خليفا مُعلم! خبرون، ذوق وڃايم "زِيريون" "زَبرون"
"پيشُ" پري ڏيا "جَزمُون" "لامُ"، ڦَرهِي انهي ڪان ڦياسون فارِقَ

٢. قاضي، ڪاملُ، ڪاتبُ، قاري، ٻـره ڇڏايم بُزرگواري
حُسن هلايـو حُڪام، ڌاب ڌَهين جي ڪيو تن کي تارڪُ

٣. سِت سِڪَڻ جي پڙه ڌون ساري، ٻيا سب ورق وَهم وساري
آءُ ڌـــ ٻـڌون اِحـــرام، طلب اڌئي تحقيق تبارڪُ

٤. منهن ڏيو محراب ڀرينءَ جو، سجدو ڏاب پيو "مصريءَ" جو
ڀلي ڇون بدنام، غمزن ۾ هن ڏيامون غارق.

[١٣٢]

جانْ جانْ نيڻنْ منهنجي جانِ، تانْ تانْ حجابُ لاهه لياڪا

١. وَسِئي رنگپور راوَل جوڳي، ڪي سامي سهڻا تو دلِ سوگهي
ٻاڻُ هڻي ڪيئي ٻانِ، نال نقاب تو جَهلي جا ڪا

٢. موهي ڪيئي مجروح مَلاڪَ، درمَلُ ناه تنه دَرمانْ ڏيڪ
ويا ويچ متان ڪٺي تيزاب ۽ تريڪاقا

٣. دارون دِلبرَ تو هَٿ تَنِ جو، ڏيوڻي جانِ جيئڙو جَنِ جو
چڪن چاڪَ سَندانِ، سَچ سيمابُ سُڻ صدا ڪا

٤. سُهڻا توکي سلطانَ سڪن ٿا، پيا پَر ۾ پند پُڇن ٿا
سَفرِ سال ڏٺن، جاني جناب جا ڏَسيو ڏاڪا

٥. جوڙي جيئري لاهه جُدايون، "مصري" جون سڀ معاف مَدايُون
ادا ڪر عِصيانِ، بخش حسابُ ڪَمُ خطا ڪا

[١٣٣]

تون تهٰ منهن لڪائي مَ مارِ، ڀَلا مِٺا ماڻا ذاهه مناسبُ ساڻ مشتاقن

١. "وَ فِيْ اَنفُسِڪُم" وارا واعدا، پنهنجا پيارَل ڀارِ

٢. "اِهدِنَا الصِّراطَ الْمُسْتَقِيمَ" چئي ڏاڍُ ڏيڪار،
٣. لاهي نِقابا طرف نماڻن، نازڪ يار نهار،
٤. مُشفِق سائل ٿي "مصريءَ" ڏي، واڳ وَصلَ جي وار.

[١٢٤]

مُنهن تنهنجو مُصحاف، بي‌ادب تنهن سان ڪيئن ٿيندس

١. مُنهن مبارڪ مَظهرُ ذاتِي، صورت چاڻِي صافَ
صدقئون ساري سجدا ڏيندس
٢. جهڙي ڪِهڙِي حال توسين، ڪاهي پَٽيون ڪُهڻ ڦ
نينهُ نباهي نازڪ نِيندُس
٣. جاسين آهيم ساهُ سسيءَ ۾، لاشڪ ڪاڻهي لافَ
من موهن! توکي ڪِين مٽيندس
٤. جي مليو "مصري" کي محرم، تہ سيئي سُورَ صرافَ
توسين ورہ ويهي ونڊيندس.

[١٢٥]

گُهونگهٽ واريون گَتيُون گَتيُون، چڙ هَر گَتِ گَڏجي

١. ڏي ڏَڏن کي ساغر سِڪَ جا، لاهہ نقاب لِڪَڻ ۽ لڪَ جا
ساڻن سَنڌيون مَتيُون مَتيُون

٢. پڇيون پڌر سي پوء نہ ورنديون، تانگھا تار مڙيئي ترنديون
جي راز تنھنجي ۾ رتيون رڌيون
٣. بيحالن جي ٻنڌي ٻھارڻ، مشتاقن جي مارڻ ڪارڻ
سِرِ ڇوڙيئي سي ڇٽيون ڇٽيون
٤. "ـن طلب" تنھنجا قول اَصل جا، واري خيما ڪوڙِ وصل جا
ڏيـج فراق جون ڦٽيون ڦٽيون
٥. سچا سخن "فاَمّا السائلَ"، "مصري" ســاڻ ملي ڏيو مائلَ
پار پرين پنھنجون پٽيون پٽيون.

[١٢٦]

جـاني! ڏسي تنھنجي جــاء، ڏـن تسالون ڏيون تسلايون
١. جت نھايت ناھہ آتي آھين، حُسنُ ھدايت ڏي ھر شيئن
سبب تنھنجي ساء، مُلڪ فلڪ سڀ موجون لايون
٢. لاھي حجاب حورون پريون، چاھہ چشم جي سين ڪيئي چريون
آلتا ديـد آڙاء، تجلا ڏيئي ڌـو ڌـرسايـون
٣. ڏاڍا ڏاڍيون ڏو ڏيکارين، سِڪندي ڏي جي سئون نھارين
ڪوڙين ڪرم سنداء، ڀانيان ڏي لک ڀلايون
٤. جيئن ڏھي تيئن پريم ٺاهيو، "مصري" پنھنجو منھن م لڪايو
پانڌ پيارل! لاھِ سھتا سائين! چڏ سپرايون.

[١٣٧]

تو لئي سِڪندي ڏِيَڙَم سالَ ميان
ساريو صحبت ڏي سخت گذاريان

١. تنهنجي سانگي سهٽا سائين! ههڙا ڪيا مون حالَ ميان
ڀاڱيو اَلفيُون ڏِي عشق آجاريان.

٢. ڪڏهين ڪينڙڪ ڏي قاصد ايندو، ڦيريو وجهان اڻين ڦال ميان
ونيو واٽون ڏي نت نهاريان

٣. سهجڻون سڏيندا سي سڄڻ سڪنديون، ڪندا سهي سنڀالَ ميان
اهي سنيها ڏي ساهَ سيڪاريان

٤. سُڌ حياتيءَ جي سڄڻ نه آهي، جيڻ هوندو نه جال ميان
وهُ ويجهو ته وِرهُ وساريان

٥. "مصري" سان ڪر ڪي محب ملڻ جون، واري واڳَ وصالَ ميان
توسين گڏجي سي هِي غم ٽاريان.

[١٢٨]

دردمندن کي ديدارُ، دلبر! واري ڏي دلداريون

١. جيڏانه ساجن تو سِينڍاريون، اڄن اوڏاهين عين اَڀاريون
ڀيئون ڀَسنِ آن ڀار، ورن ڀوڻتي ڪين ويچاريون

۲. لاھي نقابا تــو لِئون لاءِ، "فاصْبِرْ صَبْرًا" سِرَ تي آءِ
باتِ انهي ڪِيون بي اختيار، بره بچي آنْ بندي بيھاريون

۳. بنديو ڪرڻ تون بيپرواھيون، سھسين سيني ۾ سرواھيون
سُھڻن جــا ســالار، ھٿين مُحب ســدا مُنهن پــاريون

۴. جبل جَلوَن ساڻ جَلائِي، "مصري" سان مُنهن مُنهن ۾ لائِي
اھڙا رکئين جڏھن آر، وارث تڏھن ڪِيم وساريون.

[۱۲۹]

سھڻا سائين! مون نہ سَرندي، سَري سِيڪا سچڻ توکي

۱. پئيءَ تنھنجي ھيءَ پورھيَتِ پاڻ مُھاڙي
پيئي پــازيــائي پَــرنَــدي...

۲. ھوندي ھوتَ ھميشه جاني جُتيءَ ساڻ وي
وري ورچِي ڪِينَ وَرَندي...

۳. شوق اوھان جي شمع جيئن شائق تنھنجي
پري آھي تان پــہ پرندي...

۴. "مصري" ماندي آھي دَرسَــن ڏاران
منهن ڏسڻ ڪاڻِ مَرنــدي...

[١٣٠]

اسان اميدون وَڏيون وڏيون، اَچا آهين تو ۾

١. هاڻ مڙيئي حيلا حُجتون، چيهه چِتُم، مون چَڏيون چڏيون
٢. دعوائون دوبينائيءَ جون، لَٿون تنهنجي سين لَڏيون لَڏيون
٣. پاڻ سڄائي ساڄَنَ سِڪنديون، سَهجن سان تو سَڏيون سَڏيون
٤. "لاتَقْنَطُوا مِنْ رَّحمت اللّٰه" جانِبِ جياريئي جَڏيون جَڏيون
٥. محبَ "مصري" سان ماڻا چڏيو، رمزُن واريون رَڏيون رَڏيون.

[١٣١]

تو در تو ء نه چڏيان، توڻي جائي جي نه جائي

١. تاسين دعوي تنهنجي مور نه چڏيان، جاسين لالڻ لَڏيان
چڪيون حُجتون هوت هاڻي...
٢. تـوء تڙائيين تـو ۾ آهيان، نينه نبيرڻ نـه ڏيـان
جـــي گُهمائينـم گهاڻـي...
٣. "وَ نَحْنُ اَقرَب" وعدا ڏيئي ڏکيء کي، انهي گفتي ساڻ گڏيان
وريو مارئيِنٓ ســـاڻ ماڻي...
٤. سال ڏيا مون کي صديون سهڻا، سِڪان ۽ ساريان ڏي سِڏيان
تَـنُ تانگهون ڪيو تاڻي...
٥. مَن ۾ "مصري" جي جايون جوڙائي، عجب اوطاقون اَڏيان
اکـڙيـن انـــدر آڻـــي...

[١٣٢]

جاڳُ ڏي جيءَ کي جفا گينوارَ غَفلَتَ کي ڇڏي
راتِ ويئي اُڀِرَڻَ اڪيون، توکي ننڊ ڇا ڪري ننڊ ۾ ڏي

١. پِرهَ تان ڀاڪُون ڪنيون، اوڳا اَڃا آرَسُ اَڏئي
نيڻ کولي نظر ڪَر، ساڏي سَوارا ويا لڏي

٢. قَطارن ئي جو ڪارخانو، ڪکر ڇانْ ڪُوڙو ڇَمَرُ
ڍانُ ڪان پاسو ڪري ۽ ڍَڄُ هِتان ويلي وڃي

٣. ڇڏ ھُمَٿُ هستي، اڌيئي ڍُتَلَ ڍِتِ جو ڍروسو
نانْه آهين، نانْه ڌِي، وهُ نانْهِ ۾ نِجُهرو اَڏي

٤. ڌاڪِ ڍيا تَڪيا مڙيئي، عَدَمَ جو اولو وِڌي
خودپرستي ڪانْءَ "مصري"، وِهُ ڇڙهي توَڪل تَڏي.

[١٣٣]

پِرهَ ڦيرَ پنهنجي کي پَسي، منهنجي اَڄ اکين عيدون ڪيون

١. اُڏندي اَميرالمؤمنين سيّد سچو مرشد مليو
مُرڪي محبت جامُ ڏيئي همدم ٿيو حيدر هَسِي
دل ٻاغ جُون دريون کُليون

٢. صبح دم سڀني اَچي نَيسان نِينهَن نعرو هنيو
ٻِيايون سڀئي ويٺون ٻُڏي، ڀيو اَبر وحدتَ جو وَسي
ويرانَ مان وسنديون ٿيون

٣. سڀ صحيفي ۾ صفت اَزلَئُون جنهن جي آگي انگِي
آو عليٌ المُرتضيٰ رحمت ربّـي ڀِـلي رسـِي
وِيلَ نہ ڪنهن ويساريون

٤. مالڪ مُلڪ ولايت ساقـيءِ ڪوثـر قَسيم
مُشڪبُو "مصري" ڪي ڏني ڀيمانُ تن لاٿي تَسِي
تنهن آبَ ڪيُون آباديون.

[١٣٤]

انهي نِينهَ ڪِيَس ناڪام، انهي بِرهَہ ڪِيَس بدنام
جيڏيون! نہ تہ ڏيهَ ۾ ڏاهِي هُيَس

١. اَنگِي اَزل اُستادَ هٿَ ۾ طلبَ جي تختي ڏنيَم
اَن اڪر اُبتي جي جيڪر مون پروڙي سام
تان مهندهينُ مطالع ڪان ٻُڌيَس

٢. هڪ سڪ گهٽي ساجنُ پِري، ڀيو طعنا تُنڪا لوڪَ جا
سي سِيباڙم ساهہ ڪي سُر اچيو ڏينم عام
جڏهن دلـبـر سندي دامن لڳيَس

٣. راتِ ڏينهن راهُون ڏسي اڪرڙيون آداسَنِ ۾ رهيون
اَنــدرِ آڙه عشق جا مَــچ مگرَ ۽ ماتـام
لَــسَ لُوهي لُوساڙي تنهن وِڏيمَسِ

٤. تسبيح، طاعت ۽ تڪيا، تقواڻون ويون تَرڪ ڏي
دينُ، مذهبُ ڪِٿ رهيا، ڪٿ ڪفر ۽ اسلام!
رَنــد راهون نهاريندي رهــيَــسِ

٥. مــهــر محبوبن پُٺي "مصري" چئي مشتاق جي
تہ من ورائي واڳ ڪِينْ ويجها اَچن وريامَ
آءٌ نِڪَٽي جنهن نــالي سُــيَــسِ

[١٣٥]

ڪوه وِلَــلِـيـن وِچيو وات ســيــن ويهي
معلوم محبوبـن ڪـــي حـــال ســڙيٺي

١. ڪِڙوا ڪيڙيءَ جي قـــدم قـــدم جو
صاحب سمجهي سَيڪينْ ڪُل ڪَنُ ڏيٺي

٢. وحـــدتَ ڪثرتَ ۾ ويچو نـــاهـــي
چاڙهَنِ جـــاڙا جُت جيئن پَتَ ٻيـئي

٣. "وَ نَحْنُ اَقْرب" کـي چيئي چَڪامِجُ
وِيئي وَڏيـنِ جيڪي، سِـبَـن سيئي
٤. مـاتِ مُعمَّا جـي معنيٰ "مصري"
دانـــهِ مَ، دُک سُک آهـ سيئي.

[١٣٦]

هِڪو سائين سچو سَرچي، ٻيو پرچي کو مَ پرچي
١. ڍولُ ڍِلايون ڏِڪيندي عيبَ اَسان جا، وو ميان
وري وَرنه ڪينَ وِرچي...
٢. سَهسَ اَٺـــاره عــالَـم روزي ڏيندڙ، وو ميان
چَکي چُوٽو ڪاڻِ چَرچي...
٣. اَپـــر عِصيانن جـــا ڍولا ڍيئيون، وو ميان
ڏيکِئينْ معافيءَ سندي سُرچي...
٤. مِليو "مصريءَ" کي مَحْضَر مُهر محمّدي، وو ميان
ڏِلِينْ خــزانــا خَرچي...

[١٣٧]

خوش خبرَ ڪينءَ خيرَ جي، ڪنياتَل ادا ڪا خوب ڏي
چڙهي مُنهن مشتاق جي مـاڻـنِ ڍِريـا مڪتوب ڏي

١. ڏي پَتا پيغامَ، پِرِين پــار جــا پَــرڙا هٿــي
جٿن جَرَ اُڪنڊِ سِپَ اَبُرجي، تِٿن مَنَ منهنجي محبوب ڏي

٢. ڪَهُـہ وجي ڪانگا قـريبن جـي ڪَنيزَڪ ڪوڏيو
گولِي وڏيو ڪُنڊِ گَلمَ جي، جُوڙا چنبڙيو جاروب ڏي

٣. ڪر ڪنڊيءَ ويهي حقيقتَ، سُڌ نہ پئي جٿن ساهہ کي
جٿن اُتان آنديئي وڏي، وَڃ تِٿن مِٿِي مطلوب ڏي

٤. مُشڪبوءَ مـوڙِي مهارون، مِـهـر سان "مصري" مٿي
ڍاڄهہ سان ڍيِئي ڍري ڏِس، مُنهن ڪري مجذوب ڏي.

[١٣٨]

وَٽ چڙهِي واڻِي مِٿِي ڪانگل ڪَهِي ٿـو ڪالهہ جا
ڇوَ ڪڏهن ايندا اڳڻ، هِتِ هوت محرمَ حالَ جا (١)

١. لَـڌُ مَنَهُنْ منهنجي مِٺا، ليکِي لِکڻ تنهن لالِ جا
ڏي" خبرَ ڪِنَياتـا ڪَرِي، جَڏيون جياري جالِ جـا

٢. ڍَــر هٿي کِي ڍيارَ ڏي ماڙن ڍيرڻي جي مثل جا
سي سَنيِها ڏي سکهو، موڙي اچڻ جي مقالَ جا

---

(١) ٻي پڙهڻي: ڇوَ اڳڻ ايندا ڪڏهين

٣. ڳَس جهڙي ڳوندرَ لٿا، پُڏي وڃڻ وات وصالَ جا
سڀ لمحا لحظي لهي ويا، سيڻن ڪٿي سنڀالَ جا
٤. ڀهرَ محبوبن سندي عيسيٰ اَمـر اَعمالَ جا
ڏيا جنڙا جانِ سين، ساعت اندر صد سال جا
٥. ڪَٽُ ڇُري ۽ اَڪ ڦَري، ڀي اَرٽ ڏُرڪي مالِ جا
ڏيا سياڪا سوڻ "مصري" جَرح ويا جنجال جا.

[١٣٩]

ههڙا سِڪَڻ منهنجا حلَ ڪِيا، آءٌ ڪا ڏي خبرَ ڪَنياتا ڪَري

١. رمـزَ رسمَ آهـي ريت اڳيئي اوهـــان اَلَ اهــا
هـر هـر هِتي جا هُت ڏيـو سِڪندن سداڻين سنيها
آسا ڪِيمَ مَٽِ پنهنجي پُري
٢. هن ضعيف جون زاريون وڃي ٿيڻن چُنجَ جيئن ڏي چوان
ڪهل ۽ ڪو قياسُ پئي، ڪانگلَ آءٌ ڏي ڪارون ڪريان
ڏِمي نيڻ ڏِيڙم هَنجَ هَري
٣. چڻج موٽ مسافر سُڀرين تنهنجي مُنهن ڏسڻ لئي ٿِي مَران
درد جي درياهَہ ۾ تنهنجي تـوه ڏُرهي ٿي تـَران
نہ ته مَهند ويس هوند مَري

۴. سڀئي اُڌامي آئِ تون، وڃي ڏينهن گهٽا جَنِ لائيا
ڇڏو متان ڪي ماندو ٿيين، آهِينِ محب "مصري" آئيا
لَنُهه لاتِ ڪا اهڙي وَري.

[١٤٠]

پانڌيا! پِرينِ کي ڏجُ پيغام ميان،
جيئن چوان ٿي تيئن چئيج ڙي يار
سانــي سڄڻن کي ڏج سلام ميان

١. پِڇي پانهن جيئن ٻهڳڻ ٻانهون، تعظيمن سان تمام ميان
ويهي اوڏو سو عرض ڪريج ڙي يار
٢. ڪاڳا ڪتابت هي ڪوٺ رسائِج، فُرصَتَ ڪِج ڪا مَ ميان
وِيلو وڃ تي ڪو مَ وجهيج ڙي يار
٣. نِينهَ سڄڻ تنهنجي ننڊ ڦٽائي، ٿي هرگز هوتَ حرامُ ميان
سِڱهي سِڪندين جي سار لَهيج ڙي يار
۴. دلبر! توسين ڪا دعوىٰ ناهي، آهي الله جو نامُ ميان
مَنٺُون "مصريءَ" کي ڪِيم مَنيج ڙي يار.

[١٤١]

اڄ عجيبن ڪان اَسُر آندي ڪيانٿي خوش خبر
ڪي عطا امداد اڄ محبوبَ مانڻ ٿي خوش خبر

۱. سڀ اَديون! آتڻ اچِي سُٺهو سنيها سڄڻ جا
تان ڪريان ڪُل ڏاڳ جِي اظهار آنءُ تي خوش خبر
۲. ماءُ! مسافر ماروُڙ آيا وري عيدون ڏيون
ڏنيمِ اوسَهَ اج اَمان! نانگن جي نانءُ تي خوش خبر
۳. ڏاڳ ڏيئي دُوارڪا هليا وري هنگلاج ڏي
آيا چَنبڙِ چيلا مٿي، ڏِي گُرَ جي گانءُ تي خوش خبر
۴. مَنُ ڏريم "مصري" ڇٺي، ويا گُرَ ڏسي گوندرَ لهي
آڏِي پورٻَ پارَ جِي سا هيرَ هانءُ تي خوش خبر.

[۱۴۲]

ڪُه جاڙان ڪهڙي ڏوهُ، ڇو ي ڇپرِ ڇڏي ويا
ڏاڍي زوراوِرِ ذاتِ جتن جِي

۱. ڏينهن ڏانهم ڪي ڏهڙا هوندا، آخر ڏيئي اَندوهُ
گولِي گُوندرِ گڏي ويا، ماءُ ڏاڍي ڏس ڏيرَن جي
۲. جڏهن مديون منهنجون ڏيون محبن معلوم، تڏهن رُلائي رَندَروهُ
وري ويلِي وڏي ويا، جوڙي هنيائونم جَڙ ڄيرَنِ جي
۳. ڪرم ڪميٽيءَ جي قلم قضا جا، جهڙا لکيا هئا منجهه لوحُ
اهڙا انگ اَڏي ويا، ڪاڏهي ڪنگال ۾ پهچ پَندنِ جي

۴. ڏِهه پهاڙ ۾ ڏي محڪم "مصري"، ڪيڇين ڪارڻ ڪوهُ
جنهن لڪ تان لنگهي ويا، ووڙ آنهن جي وات وَطن جي.

[۱۴۳]

جِيجانُ جَوش جانَ، جيءَ ۾ جدائيءَ جا

۱. جيڪر جيئري مايم، آءُ هوت ڪين مُيَس
ڏيرِت وڃايم پَردا، ساري لوڪ سُيَس
پُور ڏيکايم پَرهَڻ، عشق اگهائيءَ جا

۲. بِرهَ بيمار ڪِيَس صحتَ ڪريان ڏي سَڏڙا
دردَ چُڪايم دعوِيٰ، هورَ ڏيکم سڀ هَڏڙا
ڏيا ڏُکيءَ کي ڏَنَڻ، عجبَ الاهيءَ جا

۳. سيني لائي سڏي، ڏسو ويا ڇپر ڇڏي
اهڙي هِين منجهه اَندر، ڪُهه گولي ويا گڏي
وري ڏسو اوهين وِڇهاڻ، هَنج هيرائيءَ جا

۴. ساجن ساقي ڏيو وٺي وِرهَ وَڏي
متان مُڙين تون "مصري" بِرهَ تہ ڀاري ڀَڃي
ڪر ڀِرڏوُنْ هاڻ پِيَن، جامَ جدائيءَ جا.

[١٤٤]

ڏيرا هيٺن نہ ڏانيم، ڪي مُحبَ مسافر ٿيندا

١. آءٌ نماڻي نِندرِ، ڏونگر ڏاڍا ڏَر ٻَر
ٻيرُ ڏٺلَ جو وٺي چُليندَس منجهہ ڇپر
اَنگِ ٽِٻُوت لائيمِ، ڪُن ڪيوَٽِ ۾ ويندا

٢. مون وِلهيءَ وٽ ويهي، سور سَجي ويا سرتيون
هورَ حبيباڻي هڪ، ماءُ مُنجهايمِ مَتيون
عشقَ اولاڪا آيم، سي مُٺيءَ ڪي ماريندا

٣. جيڪسِ آءٌ نہ هُيسِ جوڙ جتن جو جيڏيون
چوريءَ تڏهن ويا چڙهي، هوت ڪري مون سان هيڏيون
پور پرايا پايم، سي گهايلِ گهائيندا

٤. هاڻ هلڻ حق ڏيو ڏهٺن منجهہ ڏهڻ
ناهہ مناسب "مصري" وارث ري هِت وهڻ
آسَ الهائي آهِم، تہ واڳون واريندا.

[١٤٥]

سڏڙا شال سُٽيندو، پلؤ لائي ڏال نيندو

١. ڏٺل ڏاڙياٽيون ڏانهنجون، ڇپر ڪِين ڇڏيندو
٢. مشفق مرهم مرض سڄاڻي، سَهجن سانِ سَڄيندو

٣. نازڪ نيڻَ ڪيہَر ڪيفِي، گوليَ ساڻُ گڏيندو
٤. "مصري" محبت جون ميخون من ۾، جاني جوڙي جڙيندو.

[١٢٦]

قيدِ ڇڏيندمِ ڪِينَ، عمرَا! اڃهي آڏمِ اَباڻا
نيٺ نڌرِ کي نِينِ، سي پنهنجي ڏيهہ ڏاڏاڻا
١. ميرا مَنهَن مارو پنهنجا، ماڙينِ تي نہ مٿين
تڪيا تنهنجا طُولَ وهاڻا
٢. وڌن سنگهار سدائين سَنَرا، توڙي قوتِ ڪَٿين
ڪَڏي لُلُر لَنبَ ۽ لاڏا
٣. ڇُوڙيليون چاريندي وَڇڙا، ڍريو ڍِت ڍِريِن
پُسي ۽ سين پاندَ پُراڻا
"مصري" مارو مُلڪ پنهنجي ۾، سَہَر سڌ نہ سٿين
ويڙهيچا وتن ويڳاڻا.

[١٤٧]

آخر اوڏاهين ويندينءَ، ڏاڻ ۽ وجي ڏر ڏيندينءَ
ڪو دمُ ڪوٽِ رهي

۱. قيدِ آهين ڪو دم هِت قسمت سانگي ڪوئي
ڏوڙ ڀريا ڏو مَ ڏيہَ ڏراڙن ري ڏوئي
لاهين مٽان ڪِينءُ اِڪَ سينءَ لينگر ياري لوئي
اَنَّ اَطلش ڪان اَگهري ڀاڙر ڀَرَهيندينءَ

۲. ڀنهوارن ڪان ڀري ڀَرَوَسَ ڀَلَڪَ ڀيا
هيڙا حال هتي قيدُ السماء ڪيا
ڏوٿيڙن ڪي ڏٺي ڏاڍا ڏِينهن ٿيا
لکيو لوحَ قلم سو اِڪَ نہ لاهيندينءَ

۳. ڪِيمَ ڀٽولا ڀَرهج اِڳَڻَ عمرَ جي اَچي
اِڳ اهڙي ڪانہ ڪئي ڪا ڪُر اوهان جي ڪَچي
وسندا مِينهن مارئين ڀُوندا ڀَٽ ڀَچي
ڪاج ڪاڏو نيا ڪُنڀيون ڪاٺڙ ڏيهہ ۾ ڪيندينءَ

۴. سُخن سَنيها مُڪا "مصري" مارُوئڙنَ:
حق ڀچن جي هٿهينءَ سي نہ سٽِيون هت سڏجن
سرتِيُون سِيلُ رکيو ماروءَ مهنڊان مرڪنِ
تون ڀڻ تِن سان مِلي ڳالهيون ڳرهيندينءَ

[148]

جهانگيڙن ڪؤن جدا، گهڙي نہ گهاريندين
سُرهي صحبت، مٺڙي محبت، سندين ساريو ساريندين
1. آءٌ وساريان ڪِهڙو، وسري ڪِين وڃن
چاڪِنِ وانگر چِتَ ۾ چِٽڪيو روز چڪن
تن مارنِ ساڻ مائي هي ڏَپَ ڏاريندين
2. ڪيئن ڪوٽن ۾ وِهان، مينڌِنِ مَر ڏوئي
لال لِڱن تي ڪري لينگڙياري لوئي
ڏوٿيڙن کي وڃي ڏيہ ڏيکاريندين
3. اجهي اباڻا ميان عمر وَسَ چڙي هاڻ ورندم
پسي پنوهارن کي نَنهن سين نيڻ ٺرندم
پاباڻِن سان پوان پنهنجون پاريندين
4. پانڌي پاڻُرَ ڏيهہ جو شال اجهو اڄ ايندو
تن مارن ساڻ "مصري" مولي مڙندو
گامُوين سان گڏجي وڙهُ وساريندين.